
خوابَ مُرڪي پيا
شاعري
حاڪم گل
HYDERABAD

# خواب مُرڪي پيا

## (شاعري)

## حاڪم گل

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: خواب مرڪي پيا
موضوع: شاعري
شاعر: حاڪم گل
ڇاپو پهريون: مئي 2016ع
ڪمپوزنگ ٽائيٽل: شاهزيب ميمڻ
اِي ڪمپوزنگ: عبدالجبار شيخ
تعداد: هڪ هزار
ڇپيندڙ: سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد
ڇپائيندڙ: ينگ رائٽرس فورم سنڌ.
قيمت : 200 روپيه

# ارپنا

پنهنجي شاعريءَ جو پهريون مجموعو
” خواب مرڪي پيا “ پنهنجي منٺڙي امڙ
صاحب خاتون، پنهنجي والد گل محمد ءِ
استاد سائين راشد مورائيءَ جي نانءُ ڪيان
ٿو، جن جي پرورش منهنجي اتساهه جو سڀ
کان وڏو سامان بڻي.

حاڪم گل

# فهرست

اداري پاران
پنهنجي پاران
مهاڳ: راشد مورائي
تاثرات
بيخود بلوچ
خواجه ذوالفقار
جهانگير عباسي
غزل
وايون:
گيت
قطعا
بيت
آزاد نظم

اداري پاران

سنڌي ادب ۾ ليکڪن ۽ شاعرن جو انگ وڌندو ئي نظر اچي ٿو، ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌي ماڻهن جو ادب ڏانهن رجحان وڌيو آهي گهٽيو ناهي ، چاڪاڻ ته اسان کي خدشو هو ته هي انٽرنيٽ جو دور آ، ماڻهو جيڪو چاهي اهو نيٽ تي سرچ ڪري پڙهي سگهي ٿو ۽ ڪتاب خريد ڪرڻ کي ضروري نه سمجهندو پر ڪتاب چاڪاڻ ته رڪارڊ تي موجود رهي ٿو. ان ڪري ڪتابن جي پنهنجي جاءِ تي اهميت برقرار رهي آهي، بلڪ اجان وڌي آهي، ڪتاب ته جام پيا ڇپجن ته شاعر به گهڻا پيا پيدا ٿين، پر هڪ ڳالهه جي کوٽ نظر اچي ٿي ته نوان شاعر ڪنهن سينيئر شاعر کان استادي نه پيا وٺن ان ڪري ڪافي شاعرن جا غير معياري ڪتاب ڇپجي وڃن ٿا، پوءِ پڙهندڙ معياري ڪتابن کي به پڙهڻ مناسب نٿو سمجهي، حاڪم گل ان روايت جي بلڪل ابتڙ باقائده شاعري جي سکيا ورتي ۽ ڪافي سالن تائين راشد مورائي کان اصلاح وٺندو رهيو، جڏهن هو پڪو پختو شاعر ٿي ويو ته پوءِ ئي هن شاعري ڇپائڻ شروع ڪئي، جيڪو ڪتاب هن جو گهڻا سال اڳ اچڻ گهربو هو، اهو هاڻي آيو آهي، انهي جو سبب صرف اهو آهي ته پڙهندڙن کي ڪا معياري شاعري ڏجي، حاڪم گل جي شاعري فني توڙي فڪري حوالي سان گهڻن شاعرن کان بهتر آهي ۽ اسان سندس هي ڪتاب ” خواب مرڪي پيا“ ڇپي سرهائي محسوس ڪيون ٿا ۽ اها دعويٰ ڪيون ٿا ته سنڌي ادب ۾ اهڙي شاعريءَ جي ڪتاب ڇپجڻ جي ضرورت آهي، اميد ته توهان کي هي ڪاوش ضرور پسند ايندي.

پرهه پروين گل
سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد

پنهنجي پاران

ڪيتري ئي وقت کان ڪوشش هئي تہ پنهنجي پهرين شاعري جي مجموعي ” خواب مرڪي پيا“ کي جلدي شايع ڪرائي پڙهندڙن جي آڏو آڻيان پر مختلف شهرن ۾ نوڪري ڪرڻ سبب تمام گهڻو مصروف پئي رهيس جنهن ڪري ڪتاب آڻڻ ۾ دير ٿي وئي، ويجهڙائيءَ ۾ جڏهن پياري غلام مصطفيٰ سولنگي سان ويجهڙائي ٿي ۽ ڪچهري ٿي تہ سندس محبت، پنهنجائپ ۽ هجت کي ڏسي ڪري فيصلو ڪيو تہ سندس نگرانيءَ ۾ هلندڙ سنڌ راڻي پبليڪيشن پاران ئي پنهنجو پهريون مجموعو آڻڻ آهي، جيڪو اڄ اوهان سڄڻن جي هٿن ۾ ۽ اکين جي آڏو آهي.

مون ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪتاب جي اندر چونڊ شاعري ڏيان ۽ اهي صنفون ڏيان جن کي عام پڙهندڙبہ سمجهي سگهي، انهيءَ ڪوشش ۾ ڪيتري ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، اهو پڙهندڙ ئي ٻڌائي سگهي سگهن ٿا. ڪتاب ۾ شامل سيني صنفن ۾ ڪوشش ڪئي اٿم تہ ردم ۽ رواني هجي ۽ انهن ۾ وزن بحر جو بہ خاص رکيو اٿم نہ رڳو اهو پر خيال ۽ فڪر جي گهرائيءَ کي بہ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

منهنجي شاعري، شخصيت ۽ ڪتاب تي لکڻ وارن دوستن ۽ اديبن جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان جن منهنجي گذارش کي مانُ بخشي وقت تي پنهنجون لکڻيون مون حوالي ڪيون، خاص طور پنهنجي استاد سائين راشد مورائي صاحب جو جنهن تفصيلي مهاڳ لکيو، جڏهن تہ ڊاڪٽر مشتاق قل، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال قاضي منظر حيات، ضيا شاهہ، گوهر سنڌي، خواجہ ذوالفقار ۽ بيخود بلوچ جو بہ ٿورائتو آهيان جن مجموعي تي لکي منهنجي شخصيت کي وڌيڪ سگهارو بڻايو. ٿورائتو تہ سائين هارون چنہ، آزاد بخاري، استاد راهي، حاڪم مهر( امر سنڌي)، غني غمدل، غلام محمد غازي، وحيد محسن، مشتاق بخاري، مهدي شاهہ، نجم سرهيو، سجاد ميراڻي، سميع سجاد ميراڻي، ۽ محمد حسين مهر ۽ پنهنجي روحاني پاءُسائين راشد مورائي جي فرزند شاهہ عبداللطيف جو آهيان جن هن ڪتاب جي آڻڻ لاءِ هجت مان تمام گهڻو زور پريندا پئي آيا، جنهن سبب اڄ هي ڪتاب ( منهنجو پهريون شاعري مجموعو) اوهان جي هٿن ۾ آهي.

حاڪم گل

مالهي ڳوٺ ( شڪارپور)

مهاڳ

## اونداهيءَ ۾ لاٽ

اليگزينڊر پشڪن جو چوڻ آهي تہ ” مونکي دنيا مان اها توقع ڪانهي تہ ڪو هوءَ منهنجي پورهئي جو قدر ڪندي، پوءِ بہ ممڪن آهي تہ منهنجو نالو، نامڪوس جو چٽ پهري، اڻ ٿيٽي ڪانهي تہ منهنجي شعرن جو نور ڪيس چمڪائي، من سندم شعر ڪنهن کي ياد رهجي وڃي ۽ دل گهري دوست وانگر منهنجو ذڪر ڇيڙي وجهجي. من منهنجا لفظ ڪنهن اڻ چاول عاشق جي دل گرمائين، من منهنجا بيت حاسد تقدير هٿان بچي، دنيا تي جيئرا رهجي وڃن ۽ ها، ڏور ڪنهن پوئين زماني ۾ جڏهن آنءٌ روانو ٿي چڪو هوندس شايد ڪو دل وارو، منهنجي تصوير ڏانهن اشارو ڪري چوي تہ” شاعر تہ هھڙو“.

مٿين قول وانگر، ڪيترا شاعر انهيءَ اميد تہ شاعري ڪري رهيا آهن تہ من سندن شاعري دنيا ۾ زنده رهجي وڃي ۽ عام ماڻهن جي دلين ۾ ان جو يادگيرو باقي رهي. اها ئي خواهش گهڻن شاعرن کي زنده رهڻ ۽ شاعري ڪرڻ تي اتساهي ٿي. حالانڪ اسان ڏسئون ٿا تہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ ڪيترائي ڏاٽ ڏٽي هئا جو تہ سنڌ ڪنهن بہ دور ۾ ڪيترائي ڏات ڏٽي هئا جو تہ سنڌ ڪنهن بہ دور ۾ سنڌ ڪانہ ٿي آهي. پر اڄ اُهي شاعر ڪنهن کي ياد بہ ڪونہ آهن. اسان جو شاهہ سائين بہ انڪري شاعريءَ وسيلي زندهہ رهيو آهي، جو پاڻ ان لاءِ گهڻي جاکوڙ ڪئي هئائين، ان دور ۾ ذريعہ ابلاغ جي کوٽ هئي، تنهنڪري پاڻ ٿر، بر، جبل، جهاڳي اتي جي ماڻهن سان راتين جون راتيون رهاڻيون ڪري کين پنهنجون وايون ۽ پنهنجا بيت ٻڌائيندو ۽ ياد ڪرائيندو هو. شاهہ سائين اتر ۾ درازن وٽ صاحب ڏني فقير فاروقيءَ سان سنگت قائم ڪئي تہ وچولي ۾ موري شهر جي خوشحال فقير( جيڪو شهيد عبدالرزاق سومري جي روضي جي پرسان دفن ٿيل آهي) سان روح جو رشتو رکيو ۽ لاڙ طرف ٺٽي ۾ مخدوم ناري سان پرت جا پيچ پاتا ۽ انهن ٽنهي هنڌن کي پنهنجي شاعريءَ جي پکيڙڻ جا مرڪز بنيائين. هر مهيني ٻئي مذڪوره مرڪزن تي پهچي، اُتي راتيون رهي اوسي پاسي جي هارين،نارين، ڪمين ڪاسبين سان روح رهاڻيون ڪري کين هر دفعي نوان بيت ۽ وايون ياد ڪرائيندويا ٻڌائيندو هو ۽ اڳيئن پيري کين ٻڌايل بيتن يا وائين کي سندن واتان ٻڌي، سندن تلفظ درست ڪندو هو. اها سندس ڪوشش هئي، جنهن جي ڪري هو عام ماڻهن جي دلين ۾ محفوظ ٿي

ويو، ميسارجي نہ سگهيو. جڏهن تہ ٻيا ڪيترا شاعر پنهنجي جسماني موت سان گڏ شاعر طور بہ زندهہ رهي نہ سگهيا، مري ختم ٿي ويا.

هن موجوده دور ۾ سنڌ ۾ هزارين شاعر آهن. ڪي واقعي پاورفل آهن تہ ڪن ڪي ميڊيا مٿي ڪٽي چڙهيو آهي. ڪي پنهنجي غربت ۽ سادگيءَ جي ڪري گم آهن تہ ڪي پنهنجي هوشياري ۽ چالاڪيءَ جي ڪري مشهوريءَ جي اُڀ جا ستارا بڻجي چمڪي رهيا آهن. ڪن شاعرن ڪي حالتن پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي تہ ڪن ڪي حالات اڳتي آڻي ڇڏيو آهي. ڪن شاعرن جا ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن تہ ڪن وري ڪيسٽن وسيلي مشهوري ماڻي آهي. ڏسجي تہ انهن هزارين هاڪارن شاعرن مان ڪجهہ صديون گذرڻ بعد شاهہ سائينءَ وانگر ڪيترا ناﻻ ٿا دنيا جي تختي تي زندهہ بچن. ظاهر آهي تہ اڳين گم ٿيل شاعرن وانگر ڪيترن ڪي وقت جي وير لوڙهي ويندي ۽ ”بي موت مئا، تو لاءِ ڪنا انسان هزارين مان نہ رڳو“ وانگر اڪثريت شاعرن جي پنهنجا نشان ڇڏي نہ سگهندي، ڪجهہ ٿورا شاعر شاهہ لطيف عوامي ذهنن ۾ محفوظ رهندا.

اسان جو نوجوان شاعر حاڪم گل، جنهن جي شعرن جو هيءُ پهريون مجموعو ڇپجي رهيو آهي، سو بہ انهيءَ آسري تي لکي رهيو آهي تہ من سندس شعر حاسد تقرير هتان بچي دنيا تي زندهہ رهجي وڃن ۽ ڪنهن اڻ ڄاول عاشق جي دل گرمائن ۽ گهٽو پوءِ جڏهن پاڻ هن دنيا مان ڪوچ ڪري چڪو هجي، ڪو شاعريءَ جو شائق سندس فوٽوءَ ڏانهن اشارو ڪري چوي تہ ” شاعر تہ هيڙو“.

حاڪم گل جي هن مجموعي ۾ غزل، گيت، وايون، بيت، چوسٽا، آزاد نظم ۽ نثري نظم آهن.

هن يار پنهنجي پر ۾ اڳهاڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي آهي، پر چوندا آهن تہ ” اگهي تہ پاءُ نہ تہ مڻن ڪي موت“.

راقم الحروف جي هڪ شعر جو بند آهي:

قوم وٽ جي قبوليت ۾ پورهيو پوي، پو تہ شاعر رڳو شعر وينو لکي،
پاڻ ڪي ڪو ٻيو ڪم تہ مشڪل ٿئي، گيت وايون ناهيون تہ بي ڳالهہ آ.

سئنبرس هڪ هنڌ چيو آهي تہ ” شاعر پنجن حواسن ڪي ڪاميابيءَ سان چوري، اهڙي معنيٰ ٿو پيدا ڪري، جيڪا انهن مان محسوس ڪري سگهجي ٿي. ان ڪانپوءِ هو ڇهون حواس ڪتب ٿو آڻي، جيڪو آهي نون خيالن ڪي جذب ڪري ترتيب ۾ آڻڻ. نتيجي طور پڙهندڙ نہ رڳو شعر جو تاثر ٿو وني، پر پنهنجي حواسن کان باخبر ٿي، شاعر سا گڏوگڏ شاعراڻي سمجهہ بہ ماڻي ٿو.“

اچو ته حاڪم گل جي شاعري پڙهون ۽ شاعر سان گڏ شاعراڻي سمجهه به ماڻيون:

وڇوڙي ڪان ڪيڏو ڏنا نيڻ منهنجا،
مينهوڳيءَ جي مند جان پنا نيڻ منهنجا!.

ڪٽي سار آئي جڏهن هير تنهنجي،
تڏهن توکي ساري رنا نيڻ منهنجا!.

ٻئي هڪ غزل ۾ حاڪم گل چوي ٿو:

سنجيده ٿي سوچيو آهي،
توکان وڇڙي پوڳيو آهي!

ويلنٽائين ڏي به اچي ويو،
آءُ ملڻ جو موقعو آهي.

ٽي ايس ايلٽ چوي ٿو: ” شاعري اهڙو فن آهي، جيڪو سختيءَ سان قومي آهي، چو ته هن جو خيال سيني قومن ۾ ساڳيو ۽ عام ٿي سگهي ٿو پر احساس هر قوم لاءِ عام نه پر خاص آهي ۽ شاعري انهن احساسن جو اظهار آهي.“ حاڪم گل پنهنجي هڪ گيت ۾ چوي ٿو:

ڪيڏا آهن پيارا ماڻهو اجرڪ ٽوپي وارا ماڻهو،
منهنجا جيءَ جيارا ماڻهو، ڪيڏا آهن پيارا ماڻهو.

ڪيڏو من ۾ پيار رکن ٿا،
سونهن جو جڻ سنسار رکن ٿا،
محبت جو وهنوار رکن ٿا،
حاڪم گل موچارا ماڻهو،
ڪيڏا آهن پيارا ماڻهو.

يا حاڪم گل جي هڪ ٻئي شعر جا بند ڏسو جيڪو به قومي آهي:

جنگ اسان جي جاري آهي،
سنڌ اسان کي پياري آهي.

هوشو، هيموءَ کي جنهن جڻيو،
جيجل پاڳن واري آهي.

ڌاريا سنڌ ۾ ڪونہ تا گهرجن،
هر سنڌي انڪاري آهي!.

جنهن جي دل ۾ سنڌ وسي ٿي،
تنهن جي سوچ سونهاري آهي!.

” جناب فيض احمد فيض جو چوڻ آهي تہ شاعريءَ جو ڪم رڳو مشاهدو ناهي مجاهدو بہ ان تي فرض آهي.“

ٻيءَ جاءِ تي فيض صاحب چيو آهي تہ ،” انساني زندگيءَ جي اجتماعي جدوجهد جو ادراڪ ۽ ان جدوجهد ۾ حسب توفيق شرڪت، رڳو زندگيءَ جي تقاضا نہ پر فن جي بہ تقاضا آهي.“ حاڪم گل پنهنجي هڪ شعر ۾ چوي ٿو:

سيڻ سان گڏ سوريءَ تي چڙهہ،
”حاڪم گل“ تو دل چو هاري آهي!
سر ڏيندا سين، خوش ٿيندا سين.
حاڪم، گل سان ياري آهي.

مٿين شعرن ۾ سيڻن سان گڏ سوريءَ چڙهڻ يا حاڪم، گل سان ياري هئڻ ڪري سر ڏيڻ اهڙيون ڳالهيون آهن، جن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ هي اسان جو شاعر اجتماعي جدوجهد جو حامي آهي ۽ ٻين سان گڏ تي جيئڻ يا مرڻ چاهي ٿو، جيڪو هڪ سچي شاعر تي فرض ٿئي ٿو. حاڪم گل ان فرض نڀاهڻ ۾ وسان ڪونہ گهٽايو آهي. مها ڪوي ٽئگور بہ هڪ هنڌ چيو آهي تہ ” اديب،ٻين ڪان الڳ رهي، اهو ڪجهہ ڪڏهن بہ نٿو پرائي سگهي، جيڪو هن کي گڏيل تجربن مان حاصل ٿئي ٿو. مون کي ان ڳالهہ جو چٽو احساس آهي تہ ڪوبہ ليکڪ تيستائين عوامي ليکڪ ڪوني نٿو سگهجي، جيستائين هو عوام سانپنهنجا ويچار نٿو وندي ورچي.

حاڪم گل رڳو شاعر نہ آهي، پر هو سماجي ورڪر بہ آهي. هن جو پنهنجي

آسپاس جي ماڻهن سان گهرو ۽ گهاٽو واسطو ۽ رابطو آهي. هو انساني مسئلا نہ رڳو سمجهي ٿو پر بين ساٿين سان گڏجي سماجي مسئلن جي حل لاءِ بہ جاکوڙي ٿو. ڪنهن شاعر چواٽي تہ:

آ هر ڪنهن ماڻهوءَ منجھ مٽيا پر مونکي اهڙا مڙس وڻيا،
جي پنهنجو پاڻ ملهائي ويا، جي جڳ جي جوت جلائي ويا.

حاڪم گل بہ پنهنجو پاڻ ملهائڻ لاءِ هر وقت تيار ۽ جدوجهد ۾ شامل رهندڙ شخص آهي. ڪنهن شاعر چيو آهي تہ:

هر جاءِ جدوجهد هر جاکوڙ ۾ شامل،
ڪم ڪار ڪان ورچين تہ مونکي ياد ڪندو ڪر،
راهي! توڏنو آهي مون ساهي نہ ڪنئي آ.
جي راهہ ۾ ٿڪجين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر.
(راشد مورائي)

حاڪم گل جو ڪردار بہ مٿئين شعر وانگر اتساهہ ڏيندڙ ڪردار آهي دعا آهي تہ سنڌ ۾ اهڙن اتساهيندڙ ڪردارن جي شل کوٽ نہ ٿئي.

هيٺ مان حاڪم گل جي ڪجھہ خوبصورت شعرن جون سٽون نقل ڪريان ٿو. اهي مصرعون مون کي وڻيون آهن، ٿي سگهي ٿو تہ اوهان کي بہ پسند اچن.

پنهنجون يادون مون کان کسين چو ٿو؟
دوست! ايڏو مون کي لٽين چو ٿو؟

وڇوڙي تنهنجي ۾ روئي ۽ رڙي،
چري دل صفا چپ ڪري ئي نہ ٿي!

زندگي ڪاش ڪوئي قصو ٿي وڃي!،
توسان ٽڪرائجي حادثو ٿي وڃي!.

مات ئي مات ۾ واءُ اهڙي گهلي،
تون اچين روبرو معجزو ٿي وڃي!

تو جڏهن کان ڪيا سڀ ختم سلسلا،
ڏينهن محشر ٿيو، رات ٿي ڪربلا!

مُـئـي ڪـان پـوءِ نـيـڪـي اهـا ريـت اڄ جـي،
نـئـيـن واٽ ڏس ڪـا تـون مـجـتـا ڏيـڻ جـي؟

جڏهـن ڪـان جـدا تـي وئـيـن تـون تـڏهـن ڪـان،
اڪـيـن ڪـي تـي پـئـي آهـي عـادت وسـڻ جـي.

تـا چـون پـاڳـل سـيـئـي هـن ڪـي مـگـر،
هـو نـه ڪـنـهـن جـي چـاهـه ۾ گـم تـي ويـو.

ڪـونـه هـن جـي خـيـال ڪـي چـاڻـي سـگـهـيـو،
هــو تــه بــس ويســاهــه ۾ گــم تـــي ويــو.

انڊيا ۾ رهندڙ هڪ سنڌي شاعر جو شعر آهي ته:

ڪتابن ساڻ دل منهنجي، ڪتب خانو وطن منهنجو،
مئي ڪان پوءِ ڪتابن جا ورق تيندا ڪفن منهنجو.

حاڪم گل ساڳي ڳالهه پنهنجي شعر ۾ هن ريت ٿو ڪري:

اگر مون ڪي ڳولين ڪتابن ۾ لهجان،
پـريـن درد وارن خـطـابـن ۾ لـهـجـان.

استاد بخاري پنهنجي هڪ آزاد نظم ۾ چيو آهي ته:

” شاعري جنهن ڪي مان
سادڙي، واهڻي ڇوڪري
سمجهندو هوس ۽ ٿئائيندو هوس
سا ته منهنجي تتي ۽ ٿڌي بنجي وئي
زندگي بنجي وئي
هاءِ ڙي دوست هيءُ ڇا ٿي ويو؟

ساڳي طرح حاڪم پنهنجي شعر ۾ چوي ٿو:

جنهن ڪي چاهيو، نه سمجهيو، نه ئي سوچيو،
سائي وينگس منهنجي شاعري تي وئي!

ڪالهه جنهن ڪان مون پرتي رهڻ پئي گهريو،
اڄ اهـا ئـي سـڪـي بـنـدگـي تـي وئـي.

هـن جي مـنـهـنـجـي اڱـڻ رکـيـا پـيـرڙا،
مـنـهـنـجـي جيـون انـدر روشـنـي ٿـي وئـي.

حاکم گل جي هڪ غزل جا هي خوبصورت بند ڏسو:

وار آلا تـــو چـــنـــديـــا جـــو واءُ ۾،
پـئـي وسـي بـرسـات تـنـهـنـجـي شـهـر ۾.

ڪيـئـن ڪـري انـڪـار سـگـهـنـدو ڪـو ڪـوي،
پـئـي وسـي تـي ڏات تـنـهـنـجـي شـهـر ۾!.

پـيـار،مـحـبـت، چـاهـت سـان ڪـئـي،
پـئـي تـڪـي جذبات تـنـهـنـجـي شـهـر ۾!.

حاکم گل جي هن خوبصورت غزل جو مزو به وٺو:

اٿ ڏهـاڙا پـري اٿ صـديـون جـڻ لڳـيـون،
تو سوا اوپريون سڀ خوشيون جـڻ لڳـيـون!.

جـام هـا جـام پـر ڪـو مـزو ڪـونـہ هـو،
پـر پـيـالـو پـريـن وهـہ وٽـيـون جـڻ لڳـيـون!

ڏيـنـهـن تـو بـن سـمـورا سـجـڻ سـور هـا!
۽ وري راتـيـون بـي چـسـيـون جـڻ لڳـيـون!.

دوسـتـن مـنـهـنـجـي دل کـي ڏنـيـون آٿـتـون،
پـر اهـي آٿـتـن کـل نـڳـيـون لڳـيـون!.

آرسـيءَ ۾ ڏٺـو مـون جـڏهـن پـاڻ کـي،
آب هاڻيون پرين بـئـي اکـيـون جـڻ لڳـيـون!.

حاکم گل نوجوان شاعر آهي، پنهنجي عمر ۽ آزمودي آهر چڱو پاڻ پتوڙيو اٿس. سندس لکيل سيئي صنفون سنيون ٿيون لڳن، پر مون کي سندس غزل وڌيڪ وڻـيـا آهن. هيٺ سندس غزل جا ٻه بند پڙهي ڏسو:

روز جــيــان آ اج بـــہ تـــنـــهـــنـــجـــي،
وارن ســـان هـــٿـــڙن جـــي کـــيـــچـــل.

ڪيڏو توکي نهندي آهي،
چهري تي زلفن جي ڪيچل.
هن ٻئي غزل جا ٽي بند به دلچسپي کان خالي نه آهن:
تون آن چنڊ ستارن جهڙي،
ساٺوڻ جي وسڪارن جهڙي.

تنهنجي ڪاوڙ موت آ مون لئه،
تنهنجي مرڪ بهارن جهڙي.

حاڪم گل کي لڳندي آهين،
سنڌ ڌرتيءَ جي نعرن جهڙي.
اچو ته وري حاڪم گل جي هڪڙي ٻئي غزل جا چند بند ملاحظ ڪيون:
پير اگهاڙا رستا ڪندا!
جون جا هاڙا رستا ڪندا!

توڏي ايندڙ ويندڙ آهن،
سيئي لاڙا، رستا ڪندا!.

تنهنجي خاطر چوڙي ويندس،
تيز ڌهاڙا رستا ڪندا!

تنهنجي واهڻ جا هن سانئڻ،
آڙا پاڙا، رستا ڪندا!
اچو ته سندس آخري غزل جو ساءُ وٺي هن مضمون جي پڄاڻي ڪيون:

هيڪلائي لڳي ڌر تتيءَ وانگيان،
سات تنهنجو سکي زندگيءَ وانگيان!.

سونهن جي شهر ۾ تو سوا سانوري،
پاڻ ٿو ياڻئجي اجنبيءَ وانگيان!.

ياگ منهنجا ڪٺي آ هلي اوچتو،
منهنجي جيون اندر روشنيءَ وانگيان!.

چو پري تي رهين پرهه جهڙي پري،
آءُ چپ تي سُري تون چُميءَ وانگيان.

منهنجي مايوسين جو اچي انت ڪر،
هڪ گهڙي لاءِ بڻجي خوشيءَ وانگيان!.

حاڪم گل جي شاعري اونداهيءَ ۾ لاٽ آهي پر سچي سنڌ کي روشن ڪرائڻ لاءِ حاڪم گل کي اڃان محنت ڪرڻ گهرجي، بهتر کان بهتر جي تلاش ۾ اڳتي وڌڻ گهرجي، چو ته مطمئن ٿيڻ معنيٰ موت قبول ڪرڻ.

ڪنهن اردوءَ جي شاعر چيو آهي ته :

موت جب مضطرب ہی زندہ ہے،
قرار پایا مر گئی

مون کي يقين جي حد تائين وشواس آهي ته حاڪم گل محنتي ماڻهو آهي. هن جدوجهد ۾ ايمان آهي. سو ڪڏهن به هٿ هٿ تي رکي خاموش ۽ مطمئن ٿي ويهي نه رهندو پر پنهنجي ذات کي سونا پَرَ لڳائڻ لاءِ ڏينهن رات جاکوڙ جاري رکندو. مستقبل انهن ئي ماڻهن جو موچارو ٿيندو. جيڪو لڳاتار محنت ڪندا ۽ محنت کان هڪ پل لاءِ به منهن نه موڙيندا.

استاد بخاريءَ چواڻي ته:

آسان ناهي دنيا ناهڻ دوزخ مان جنت،
محنت، محنت، الفت الفت، همت ئي همت.

اسسان جهونن جون دعائون ۽ نيڪ تمنائون سيني جاکوڙيندڙ جوانن سان شامل آهن ۽ رهنديون. دعا آهي ته حاڪم گل ۽ سندس جوڙ جا ٻيا ساٿي سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ کي شعرن جي گلابن سان پريندا رهن.

**راشد مورائي**

مورو 25.03.2006

## پيار جي خوشبو ڏيندڙ: حاڪم گل

شعر گل وانگر هوندو آهي ۽ حساس دل رکندڙ خوشبو جا عاشق ماڻهو پوپٽ بڻجي ان ڏي ڇڪجي ايندا آهن. شاعر لفظن جي ملڪ جو حاڪم هوندو آهي. هو لفظن کي جتي بہ بيهڻ جو حڪم ڪندو آهي لفظ اتي با ادب بيهي رهن ٿا. شاعر کي اها ڄاڻ هوندي آهي ( يا هجڻ گهرجي) ڪهڙا لفظ ڪهڙي صنف سخن جو سينگار ٿي سگهن ٿا؟ هو وائي جي مزاج جا لفظ وائي ۾، غزل رنگ وارا لفظ غزل ۾ ۽ گيت جي ماحول وارا لفظ گيت ۾ سمائيندو ۽ سجائيندو آهي. منهنجي خيال ۾ هڪ سني، سگهاري ۽ فطري شاعر ۾ اها بہ هڪ خوبي هوندي آهي.

اهڙي دل جو ملڪ جي راڻي هوندي آهي. اها جڏهن چاهي هار سينگار ڪري روح جي محفل مهڪائي ۽ جڏهن چاهي خاموشيءَ سان سمهي رهي. شاعري تي زبردستي اثر ناهي ڪندي ۽ جيڪا زبردستيءَ سان لکجي اها شاعريءَ تي زبردستي اثر ناهي ڪندي ۽ جيڪا زبردستيءَ سان لکجي اها شاعري دلين تي اثر ناهي ڪندي. ڏات ڏٺين جو چوڻ آهي تہ شاعري اها آهي جيڪا دلين جي ساز کي ڇيڙي، روح جي محفل کي گرمائي ۽ جهومائي. اسان جي سنڌ ۾ توڙي جو گهڻا شاعر پنهنجي نالي ڳڻائڻ ۾ چمڪائڻ لاءِ لکن ٿا پر پوءِ بہ ڪي نئين ٽهيءَ جا شاعر دل جي گهرائيءَ سان جذبي کي ساڻ ڪٽي دل جون ڳالهيون سٽن جي صورت ۾ ڪاغذ تي آڻيندا رهن ٿا. انهن شاعرن ۾ دوست حاڪم گل بہ ڳڻيو وڃي ٿو. جيڪو ڪافي وقت کان سخن جي سنسار ۾ لکندو لچندو رهيو آهي. هن جي شاعري " ڪليل اظهار، ديس جو پيار ۽ پرينءَ جو پيار موجود آهي. سولي ۽ صاف شاعري ڍنگ ۾ سندس شعر خوبصورت آهن. سندس سٽون سونهن جي ويجهو رهندڙ آهن. ڀلا سٺ سونهن جي ويجهو نہ هوندي تہ امر ڪيئن ٿيندي؟

حاڪم طبيعت ۾ حاڪم نہ پر خادم آهي. منجهس پيار،پريت، ميٺ ۽ محبت جي خوشبو سمايل آهي. حاڪم گل جو هي شعري مجموعو بہ نئين ٽهيءَ جي شاعرن جي انهن مجموعن جي قطار ۾ بيٺل آهي، جيڪي تازو ڇپيا آهن يا ڇپجندا. نئين ٽهيءَ جي دوستن پاران ڪتاب پڌرا ڪرڻ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي، ڇاڪاڻ جو نئين ٽهيءَ جي متحرڪ ٿيڻ سان "هڪ هٽي" جو محل ڀڄندي پرندي ڏسي رهيو آهيان ۽ " ادبي سامراجيت" خلاف اها هڪ خاموش تحريڪ آهي. ان خوشيءَ ۾ اها ڳالهہ بہ غور هيٺ هجڻ گهرجي تہ ڪتاب صرف تعداد وڌائڻ جي بنياد تي نہ ڇپجڻ گهرجن پر ڪتاب ۾

شاعريءَ جون فني ۽ فڪري خوبيون بہ نمايان هجڻ گهرجن. مان سمجهان ٿو تہ حاڪم گل جنهن لڳاءَ سان لکيو ۽ سکيو آهي ۽ جنهن چاهہ سان هن راهہ ۾ پنڌ پيو آهي، نيٺ منزل ماڻيندو ۽ پنهنجن سٽن ۾ اڃا بہ تحرڪ ۽ تازگي آڻيندو. اميد ٿو ڪريان تہ سندس شعري مجموعو سنڌي ادب ۾ نرالو اضافو ڪڍيو.

بيخود بلوچ
پنو عاقل

## گل جي خوشبوءِ خوابن جي دنيا

ڏات ۽ ڏانوَ کان سواءِ شاعري ۾ رياض بنا سنگيت ڪڏهن به مڪمل نه سگهندو آهي. امير خسرو اردو ادب جو بهترين عظيم شاعر آهي. جنهن ادب جي اپ تي اها ڳالهه عيان ڪئي ته ردم ۽ رچاءُ ڪانسواءِ ڪا به تخليق ادب جي ڌرتيءَ تي پير ڪوڙي نه سگهندي آهي ۽ جن سنگيت ڪارن ڪي سرن جي ساهتڪاريءَ جي سمجهه ناهي ايندي اهي سڄي زندگي ڪلاڪار بڻجي نه سگهندا آهن ۽ ساڳيءَ طرح جي ڪوتا ڪارن کي ڏات، ڏانءَ، ردم ۽ رچاءَ جي پروڙ ناهي هوندي.اهي ڪڏهن به شاعريءَ جي اڏامندڙ پکيءَ سان گڏجي اڏامي نه سگهندا آهن.

ڏات ۽ ڏانءُ ڪنهن جي ميراث ناهن هوندا ۽ ان ۾ عمر جو ڪو به قيد ناهي هوندو. اسان جي دوست حاڪم گل جي سنڌي ادب ۾ هڪ نرالي سڃاڻ آهي. هن ننڍي عمر ۾ شاعريءَ جي سمورين صنفن ۾ پاڻ ملهايو آهي. سندس غزل، گيت، وايون،چوسٽا ۽ نظم مڪمل ردم ۽ رچاءُ رکن ٿا. سندس نالو حاڪم ۽ تخلص گل ۽ هو مالهي ڳوٺ جو مهر آهي پر هو پنهنجي نالي جي هيشه ابتڙ ڪڏهن به حاڪم نه پر هڪ عام ڳوناٽو ۽ عوامي ماڻهو لڳندو آهي. سندس شاعريءَ ۾ سڳداسي چانورن جهڙو هڳاءُ آهي. حاڪم گل ڪي ادب جي اپ تي رابيلن جهڙي خوشبو ڦهلائڻ لاءِ اجان به وڌيڪ محنت ڪرڻي پوندي ته سندس پهرئين شعري مجموعي " **خواب مرڪي پيا**" کي ادبي کيتر ۾ ضرور پرپور موٽ ملندي.

خواجه ذوالفقار
سکر 10.04. 2006

# غزل

## شاعريءَ جي باغ ۾ تازو گل

سونهن چاهي؟ پيار چاهي؟ خوشي چاهي؟ رنگ چاهي؟ خوشبو چاهي؟ وصال چاهي؟ وڇوڙو چاهي؟ سيئي ڪيفيتون آهن. احساس آهن، جن جي پنيان ڪيترو نه لڳجي يا جن کان ڪيترو نه پري پڄجي ماڻهو جي وس جي ڳالهه ناهي تہ سموريون ڪيفيتن ۽ احسان کي ذهن جي پجري ۾ واڙي ڇڏي يا ڪيفيتون ۽ احساس ڪٿي گڏجي پون تہ مختلف رنگ ڪيفيتن ۽ احساسن جي اندلني اڏار ذهن جي پردي تان لهندي لهندي اچي جڏهن ڪنهن اجري پني تي واهپرو ڪري تہ شاعريءَ جو خوبصورت روپ وٺي ڪنهن گمنام ماڻهوءَ کي بہ چٽو پٽو ۽ منفرد ڪري شاعرن جي خوبصورت وادي ۾ آڻي بيهاري ڇڏي.

مون ڪيس جيترو پڙهيو آهي تہ سندس شاعري نسوري پيار، درد، پيڙا،رنگ، خوشبو، وصال، وڇوڙي، خوشينءِ شڪايتن جو هڪ ڪاڪ تيل آهي.

سندس هڪ شعر آهي تہ:

پيار محبت، عشق چاهت سان ڪئي،
پئي ٽڪي جذبات تنهنجي شهر ۾.

يا سندس غزل جون هي سٽون پڙهي ڏسو:

ڪنهن جي اڱڻ تي خوشيون، ڪنهن وٽ صبح جو خوشبو،
ڪنهن وٽ وري غمن جي ڪا شام لڙي هوندي!

جنهن کان بہ جڏهن ڪوئي وڇڙي وڃي تو جاني،
تنهن ويل ان جي گهر ۾ قيامت جي گهڙي هوندي!

سندس شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي هلڪا ڦلڪا جهول نظر اچن ٿا ڪٿي وري خيالن جي دلربا پرواز انهن اوڻاين کان الاهي پري ها الاهي پري ڪنهن شاعري جي نئين ڦٽندڙ باغ ۾ تازو گل آچي، پنهنجي نانءَ جيان پڙهندڙن جي دل تي حاڪميت جو راڄ قائم ڪري ٿي.

**ڊاڪٽر مشتاق ڦل**

ڪنب

# غزل جو خوبصورت شاعر حاڪم گل

لکي غلام شاهه جي علائقي سان تعلق رکندڙ اسان جو هي يار شاعر حاڪم گل پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ اهڙو ئي هڪ خوبصورت انسان آهي جهڙو هو اسان کي پنهنجن سرجيل خوبصورت شعرن ۾ نظر تو اچي. حاڪم گل نهايت ئي سادو، سڌو، مانيٽي لهجي وارو هڪ محبتي انسان، يارن جو يار آهي، هن جهڙيءَ ريت مسلسل جدوجهد جستجو ۽ رياضت سان سنڌي ادب جي اڻ ڳڻين شاعرن جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي تهڙي ريت پنهنجي چاهيندڙن جو هڪ وڏو حلقو ناهيو اٿائين، حاڪم گل جي شاعر ۾ شاعري جي لوازمات سان گڏ جديد فڪر ۽ خيال جي گهرائي پڻ سمايل آهي، هن شاعريءَ جي سيني صنفن ۾ پنهنجو فڪر اسان تائين پهچايو آهي، پر مون کي حاڪم گل جا غزل وڌيڪ وڻن ٿا، حاڪم وٽ درد، هجر ۽ فراق،بک بدحالي، بي رحمتي،حسن ۽ عشق جي جذبن جي اپٽار سان گڏ ڌرتي سان پيار، مارو ماڻهن سان محبت ۽ ڌرتي تان سر گهور ٿيڻ جهڙا جذبا پڻ ملن ٿا، جن جي پرچارڪ حاڪم گل پنهنجي شعرن ۾ ڪري ٿو. مطلب ته حاڪم جو شعر زندگيءَ جو ترجمان. آهي ۽ ترجمان شاعر ٿي ماڻهن کي صحيح راهه ڏيکاري سگهن ٿا. سنڌس سموري شاعريءَ مان ڪونه ڪو ڪارج ضرور سري ٿو.

جهانگير عباسي
لاڙڪاڻو

# غزل

درد، پيڙا، سور تنهنجي سار ۾،
ڇا اهو ڪافي نہ آهي پيار ۾؟

هڪ جَنَمَ ڪان سَوَ جنم تائين سدا،
مان رهان تنهنجي متي ديدار ۾.

ڪاميابي منهنجي جيون ۾ نہ آ،
مان رهيو آهيان سدائين هار ۾.

ساڙ، ڪلفت، باهہ، نفرت ڪان سوا،
ڇا رهيو آهي سڄي سنسار ۾.

پيار جون ڳالهيون جتي هلنديون هيون،
ڪو مزو ناهي رهيو تنهن پار ۾.

تو سوا ڪهڙو جيئڻ آهي هتي،
مون بہ ڪنهن ڏي هي لکيو آ تار ۾.

المدد محبوب سائين المدد،
هاڻ حاڪم گل اٿئي آزار ۾.

## غزل

رکي ياري اسان سان من، نيائيندين تہ چا ٿيندو!،
اسان جي دل سان پنهنجي دل، لڳائيندين تہ چا ٿيندو.

ڇڏيو هاڻي حجابن کي، ڏسو سامهون پرين مون ڏي،
نگاهن سان نگاهون جي ملائيندين تہ چا ٿيندو.

سَچي هن پنهنجي جيون ۾، رنا آهيون پنا آهيون،
کري احساسَ پنهنجا من، کلائيندين تہ چا ٿيندو.

اها ئي آرزو پنهنجي، حياتيءَ کي اجان آهي،
اسان جي پيار کي دل ۾، وسائيندين تہ چا ٿيندو.

ڇڏيو ڳالهيون رسامي جون، اچو هاڻي تہ پرچي پئو،
وري حاڪم سان ميلو جي، ملهائيندين تہ چا ٿيندو.

## غزل

هيڪلائي لڳي ڏرتيءَ وانگيان،
سات تنهنجو سَکي زندگيءَ جيان.

سونهن جي شهر ۾ تو سوا سانوري،
پاڻ تو پائنجي اجنبيءَ وانگيان.

ياڳ منهنجا ڪٽي آ هلي اوچتو،
منهنجي جيون اندر روشنيءَ وانگيان.

چو پري تي رهين پرهه جهڙي پري،
آءُ چپ تي سُري تون چُمي وانگيان.

منهنجي مايوسين جو اچي انت ڪر،
هڪ گهڙي لاءِ بڻجي خوشيءَ وانگيان.

هار” حاڪم“ گلن جا تولئہ ٺاهيا،
سير اچجان تري بي ڏيپيءَ وانگيان.

## غزل

تنهنجي چاهت وساري سگهان ڪيئن مان!،
او پرين! پاڻ ماري سگهان ڪيئن مان!.

تو وڇوڙو وڌي روز پيو هيانءُ کي،
ڏور توکان گذاري سگهان ڪيئن مان!.

آ هلي سال گذري ويا تو بنا،
لڙڪ پنهنجا بيهاري سگهان ڪيئن مان!.

رات ٿئي ٿي تہ تڙپڻ شروع ٿي ڪري،
دل چريءَ کي سنياري سگهان ڪيئن مان!.

ڪا گهڙي چين ناهي سوا تو پرين،
توکي دل مان ڏکاري سگهان ڪيئن مان!.

## غزل

درد جي هن ڪتا جي پڇاڙي نہ آ،
هيءَ حياتي رڳو هڪ ڪهاڻي نہ آ.

تو ۾ اٽڪي پئي، منهنجو ڪهڙو قصور،
سمجهہ آهي چري، دل سياڻي نہ آ.

جو بہ آ ڪجهہ بہ آ، مون تہ توکي ڏني،
چو پلا تو اجان، دل اماڻي نہ آ.

تون مجي يا نہ مج مان چوان تو پيو،
تو سوا منهنجي هتڙي ڪا راڻي نہ آ.

تون وجي تي هلي، اوچتو اوچتو،
تنهنجي چاهت اجان، مون تہ ماٺي نہ آ.

او چري ماٺ ڪر، آ وچوڙو پري،
هيءَ حياتي اجان تي پراڻي نہ آ.

## غزل

تون آن چنڊ ستارن جهڙي،
سانوڻ جي وسڪاري جهڙي.

تنهنجي ڪاوڙ موت آ مون لئہ،
تنهنجي مرڪ بهارن جهڙي.

آءُ تہ توکي ساهہ ۾ سانديان،
چين، سڪون، قرارن جهڙي.

توکي ڪيئن وساري سگهندس،
چاهہ نگر جي چارن جهڙي.

حاڪم گل کي لڳندي آهين،
سنڌ ڌرتيءَ جي نعرن جهڙي.

## غزل

هير خوشبو آڻي ٿي تنهنجي پارَ جي،
ڳالهہ جڏهن بہ نڪري اٿي پيارَ جي.

درد دل کي تڏهن ٿيندو آهي گهڻو،
ڪو جڏهن بہ ڪندو آ گلا يارَ جي.

ساٿ تنهنجو رهي زندگيءَ ڀر اگر،
پوءِ پرواهہ ڪهڙي مون کي هارَ جي.

وقت ڪيڏو بہ مشڪل اچي جي وجي،
سوچ مون مان نہ، رکجان ڪڏهن ڏارَ جي.

ٿورڙي ڳالهہ تي ايڏي ناراضگي،
چو طبيعت رکين ٿي ڇري ٻارَ جي.

## غزل

وڇوڙي ڪان ڪيڏو ڏنا نيڻ منهنجا،
مينهوڳيءَ جي مند جان پنا نيڻ منهنجا.

ڪٽي سار آئي جڏهن هير تنهنجي،
تڏهن توڪي ساري رنا نيڻ منهنجا.

پلا ڪيئن ڪنهن کي وساري سگهن ٿا،
سدائين رهيا آشنا نيڻ منهنجا.

چون ٿا ضديرا، رُڳو روئڻو آ،
نه ٿا مات ڪن تو بنا نيڻ منهنجا.

مليو درد جيڪو هيو منهنجي دل کي،
سو ڀوڳن پيا ڀوڳنا نيڻ منهنجا.

## غزل

اڇي ٿي يارَ جي خوشبو،
پرينءَ جي پارَ جي خوشبو.

وڏائي زندگيءَ کي ٿي،
اوهان جي سارَ جي خوشبو.

اڃا پي جيئري آهي،
سهڻي ميهار جي خوشبو.

ونو جو مينهن تر ڪاڇي،
اُتي مهڪارَ جي خوشبو.

وساري ڪيئن سگهان ٿو مان،
اوهان جي پيارَ جي خوشبو.

سدا حاڪم جي منڙي ۾،
رهي دلدارَ جي خوشبو.

## غزل

عڪس تنهنجا جي رهيا نيڻن اندر،
ڪيترو ها پئي ٿهيا نيڻن اندر.

تو سڪيو آهين هُتي، هِت تو سوا،
گهر اچي ڳوڙهن ڪيا نيڻن اندر.

نيڻ ايندين تون انهيءَ ئي آس تي،
مون چڏيا ٻاري ڏيئا نيڻن اندر.

توڪي پائڻ جا ڏنا جيڪي پرين،
خواب سي پورا ٿيا نيڻن اندر.

تو پُڇاڻن هيل جُڳن جا وري،
درد هن جاڳي پيا نيڻن اندر.

ڪونه ٿا رکجن پيلا مان چا ڪيان؟
لڙڪ آهن بي چيا نيڻن اندر.

## غزل

اسا ڳالهہ چيڙي جڏهن آ مرڻ جي،
تڏهن تو رڪين تون تمنا جيئڻ جي.

مُئي ڪان پو نيڪي اها ريت اڳ جي،
نئين وات ڏس ڪا تون مچتا ڏيڻ جي.

تڏهن نيڻ آلا بہ تي ويندا آهن،
جڏهن ڪوئي ڪنهن کي ڪري تو ڇڏڻ جي.

ڪيو توکي جنهن آ زماني ۾ رسوا،
اجا آس تنهن سان رکين تو ملڻ جي.

ضروري تہ ناهي غمن ۾ گذارڻ،
ڪبي آهي ڪوشش ڪڏهن خوش رهڻ جي.

پلي درد جانان تون ڪيڏا بہ ڏئي ڏس،
متان سمجهين ناهي ڪا طاقت سهڻ جي.

الائي چو دل کي بہ پڪ تي پئي آ،
تہ ايندي وري مند تنهنجي ملڻ جي.

نہ ڏي آس ڪوڙي اکين کي او سائين،
اکين کي ڏي هاڻي اجزت سمهڻ جي.

جڏهن کان جدا تي وئين تون تڏهن کان،
اکين کي تي پئي آهي عادت وسڻ جي.

## غزل

بند شوڪيس ۾ هيڪلو هيڪلو،
درد جي ديس ۾ هيڪلو هيڪلو.

روشنين جي شهر ۾ گذاريان پيو،
ڪارڙي ويس ۾ هيڪلو هيڪلو.

مان نہ اُڏري وجان، مون کي قابو ڪري،
ويڙهي ڇڏ ڪيس ۾ هيڪلو هيڪلو.

هاءِڙي! محبتي نيٺ ماريو ويو،
عشق جي ڪيس ۾ هيڪلو هيڪلو.

## غزل

منهنجا جذبا اکين تي زماني اڳيان،
شاعري ڪيئن توکي ڇڏي تو سگهان!.

سادڙا سولڙا بس اهي ئي اُتوَ،
پنهنجي شعرن ۾ جدت ڪٿان آڻيان!.

پيار مون کي تہ توسان پرين ايترو،
جيترو جند سان، جيترو سنڌ سان!.

منهنجي جيون جي هڪڙي آ خواهش پرين،
منهنجو نالو اچي تنهنجي نالي پٺيان!.

## غزل

اڪيون ڳاڙهيون، لٽل چهرو، اوجاڳا نيڻ تنهنجا هن!،
اڳي تو ڪنهن تہ ساجن لئہ تلاشا نيڻ تنهنجا هن!.

پڙهي هر هر چمان وينو، ڪتابن پاڪ پيارن جيان،
منيون، ڳالهيون ڪتابن جون خلاصا نيڻ تنهنجا هن!.

پون تا وِچ جيان ڪڙڪي، ڪنهين راهيءَ مٿان هڪدم،
قيامت جي مٿان قيامت ڪي تجلا نيڻ تنهنجا هن!.

ملي تو چين دل کي ۽ اچي تي روح کي راحت،
نظارا خوب قدر جا ۽ چشما نيڻ تنهنجا هن!.

سدائين مات ۾ آهن خبر ناهي الائي چو؟
لڳي تو ڪنهن مٿان مون جيان ديوانا نيڻ تنهنجا هن!.

نہ آهي ڪو زماني ۾ جنهين سان پيٽ ڏيان توکي،
خدائي روپ جهڙا ٻئي هي جلوا نيڻ تنهنجا هن!.

لنوائڻ جي نہ ” حاڪم گل“ هينئر طاقت رهي ناهي،
مون کي پنهنجو ڪري وينا نماڻا نيڻ تنهنجا هن!.

## غزل

نيڻن سان نيڻن جي ڪيچل،
ٿهڪن سان ٿهڪن جي ڪيچل.

رات سمي اکڙين سان ٿئي ٿي،
خيالن ۽ سپنن جي ڪيچل.

ڪاليجن ۾ روز رهي ٿي،
ڇهرن سان، ڇهرن جي ڪيچل.

روز جيان آ اڄ به تنهنجي،
وارن سان هٿڙن جي ڪيچل.

ڪيڏو توکي ٺهندي آهي،
ڇهري تي زلفن جي ڪيچل.

بند چپن کي کول ته ٿئي پو،
چپڙن سان چپڙن جي ڪيچل.

## غزل

ساڻ موتين پويل هوءَ سڳي تي وئي،
اجنبي ڪالهہ، اڄ زندگي تي وئي.

جنهن ڪي چاهيو، نہ سمجهيو، نہ ئي سوچيو،
سائي وينگس منهنجي شاعري تي وئي.

ڪالهہ جنهن ڪان مون پرتي رهڻ پئي گهريو،
اڄ اها ئي سَڪي بندگي تي وئي.

پروسو ڪونہ ڪنهن تي رهيو آهي ڪو،
آهہ دنيا سڄي ئي ننگي تي وئي.

چار پئسا تيا، موج مستي ۾ پوءِ،
دوستيءَ ڪان پري دوستي تي وئي.

هن جي منهنجي اڱڻ تي رکيا پيرڙا،
منهنجي جيون اندر روشني تي وئي.

## غزل

تنهنجو پيار بہ پاڻيءَ جهڙو،
گهر جي چڻ تہ ڏياٽيءَ جهڙو.

تنهنجا خواب اڏوريون ڳالهيون،
منهنجو خواب ڪهاڻيءَ جهڙو.

سونهن نگر ۾ ڪوڙ حسين پر،
تنهنجو روپ آ راڻيءَ جهڙو.

سوچ بہ ڪنهن جي خوشبو خوشبو،
عقل بہ چڻ تہ سياڻيءَ جهڙو.

ڪنهن جو پيار تہ پاڪ وري پر،
ڪنهن جو پيار بہ فلاڻيءَ جهڙو.

ڄام تماچيءَ ڪي نہ وڻيو هو،
ماڻهو ڪوبہ مهاڻيءَ جهڙو.

ناول حاڪم گل ڪو لکجان،
منهنجي درد ڪهاڻيءَ جهڙو.

## غزل

اڪيلا اڪيلا اسان تي پيا هون،
اوهان ڪان جو جاني جدا تي ويا هون!.

ڪجي ڪهڙي ڳڻتي وري هارجڻ جي،
سدائين اسان هار ۾ جو رهيا هون!.

وڇوڙي جو هاڻي پلا پوءُ ٻه ڪهڙو،
اسان ٻاهه ان ۾ پچي راس ٿيا هون!.

نہ روڪيو ڪلڻ ڪان، اوهان جو ڪهڙو ڪم،
ڏئي ٿهڪ ورهن ڪان پوئي ڪليا هون!

چئو پل تہ پاڳل ڪوئي حرج ناهي،
اوهان ئي سياڻا، اسان ئي چريا هون!

## غزل

زندگي آزار ڪيڏا ٿي ڪرين!،
تون دلين ۾ ڏار ڪيڏا ٿي ڪرين!.

نفرتن جو ٻج ڇَٽي دلين اندر،
تون جدا دلدار ڪيڏا ٿي ڪرين!.

او چري تون خوام خواهه ڪنهن جي ڪري،
پيار ۾ دشوار ڪيڏا ٿي ڪرين!.

ٿو سگهان ڦاسي تہ تنهنجي ڄار ۾،
تون اجايو وار ڪيڏا ٿي ڪرين!.

## غزل

نہ توکان پري مان رهي تو سگھان!،
نہ تنھنجو وڇوڙو سهي تو سگھان!.

ڪتي آهين جانان! پتو ڪونہ آ،
نہ تنھنجو نڪاڻو لهي تو سگھان!.

نھڻ تو سان مشڪل زمانا ٻڌي چڙ!،
مگر موت سان ئي نھي تو سگھان!.

تنھنجا عڪس سامھون تا ڦرندا رهن،
ڀلا ڪيئن تن کي ڇهي تو سگھان!.

جھڪان هاڻ حاڪم چو ڪنھن جي اڳيان،
مان پورا تي پُرندو ڊهي تو سگھان!.

## غزل

چــا رڪـــيـــو آ پـــلا درد ۽ چـــوٽ ۾ !،
پـيـار ڏي تـون مـنـي پـيـار جـي مـوٽ ۾ !.

عـمـر پـر لاءِ مـنـهـنـجـي او رابـيـلـڙي،
آءُ ٻـانـهـن جـي تـوڪـي رکـان ڪـوٽ ۾ !

هـاڻ اظـهـار ڪـر، پـيـار جـو ظـاهـري،
ڪـيـسـيـن رکـنـديـنءَ تـون پاڻ ڪي اوٽ ۾ !

نـہ ڏسـجـي ڪـمـي ڪـابہ تـي ڪـنـوار ۾،
۽ نــہ تـوري بـہ گـهـتـتـائـي آ گـهـوٽ ۾ !

سات پنهنجو سو حاڪم ڪـتـي تـو ڏئـي،
ساهہ جنـهـن جو آ سائي، نـيـري لـوٽ ۾ !

## غزل

عشق ڪيڏو عجيب و غريب آ پرين،
پيار تنهنجو نہ منهنجو نصيب آ پرين!.

ڏور توڪان گذاري ائين سمجهيو،
موت ڪيڏو اچي ويو قريب آ پرين!.

پيار منهنجو ڏسي آسمان جيڏو ئي،
هي زمانو سجو ٿيو رقيب آ پرين!.

پيار جي موت ۾ پيار ۽ درد جو،
هيءُ رشتو بہ ڪيڏو عجيب آ پرين!.

ڪيئن ويساهہ ٿئي دوستن جي مٿان،
ڪير ڪنهن جو نہ هتڙي حبيب آ پرين!.

## غزل

پنهنجون يادون مون کان کسين چوٿو؟
دوست! ايڏو مون کي لٽين چو ٿو!

هو ويو آ رسي تہ چا ٿي پيو،
مينهن وانگر وري وسين چو ٿو!

ڪيترا يوڳ، چرچا ٿيندا هئا،
ڳالهہ ٿوريءَ تي اڄ چڙين چو ٿو!

ڏوهہ ڪهڙو ڪيم، ٻڌاءِ ڪٽي،
غير رسمي طرح ملين چو ٿو!

ڦاڙ سيئي منهنجا ڦوٽو تہ مڃان!،
تن کي ياڪر پري سمهين چو ٿو.

مون چيو ڪالهہ، جيڪي محفل ۾،
ٻول هر بار سي ٻڌين چو ٿو.

آءُ تہ توکي ڏيان لکي جيون،
ائين پرتي پلا رهين چو ٿو.

جو نہ توکي سجاڻي يار سگهيو،
ايڏو تنهن لاءِ تون لڇين چو ٿو؟

## غزل

ياد ۾ تنهنجي خنجر جهڙي!،
ڪرب بلا ۽ محشر جهڙي!.

مون ڪي ميڙ ضرور اول پر،
پاڻ تہ ميڙ او ڪندر جهڙي!.

ڪيئن پلا ڪو تنهنجو ٿيندو،
هٿ غُرورَ تڪبر جهڙي!

تو ۾ پيار نہ اڇٽو آهي،
تون تہ صفا آ نهڪر جهڙي!

دنيا ۾ نہ ڏٺي سون صورت،
حاڪم گل جي دلبر جهڙِي!

## غزل

تنهنجي ٻه نيڻ ڪنهن سان اک يار اڙي هوندي!
ڪنهن سانوريءَ سان دلبر دل تنهنجي جڙي هوندي!.

ڪنهن جي اڱڻ تي خوشيون،ڪنهن وٽ صبح جي خوشبوءِ
ڪنهن وٽ وري غمن جي ڪا شام لڙي هوندي!.

جنهن ڪان ٻه جڏهن ڪوئي وڇڙي وڃي تو جانيءِ
تنهن ويل ان جي گهر ۾ قيامت جي گهڙي هوندي!

نيڻ جا ٻاري ڏيئا، هر روز سڪي گهر ۾،
يادن جا يري ياڪر سورن ۾ سڙي هوندي!

ساجن جي جدائي ۾ نيڻ مان ڳاڙي ڳوڙها،
ڪمري ۾ ويهي هيڪل هوءَ خوب رڙي هوندي!

## غزل

پنهنجو هاڻ جيون بہ دوکو لڳي ٿو،
نئين موڙ تي هي انوکو لڳي ٿو.

ڪڏهن مکڻ، ماکي ۽ مصري ته پانيان،
ڪڏهن زهر پريل پيالو لڳي ٿو.

جڏهن ياد ماضي ڪيان ٿو تہ پيارا،
ڏکن جو گذاريل ڪو عرصو لڳي ٿو.

جنهن جي ڪابہ ساپيان ڪڏهن ڪا نہ ٿئي ٿي،
ملڻ تنهنجو هاڻي ڪو سپنو لڳي ٿو.

جو منهنجو ائين تي ويو آهہ اڄڪلهہ،
سکل لام جو ڪوئي پتو لڳي ٿو.

ڏني ذات هن کي هوشياري وڏي آ،
اوهان کي ڏسڻ ۾ جو سادو لڳي ٿو.

## غزل

هوءَ صدين جا اوجاڳا اکين کي ڏئي،
منهنجي نيڻ ۾ تاندا رکي آ وئي.

عشق آزاھ تي، سمجھ ڪر بي سمجھ،
هڪ نه تي ڪا ٻڌي دل منهنجي بي چئي!

بيوفا مان اميدون رکي پيار جون،
آسري ۾ حياتي ڊکي تي پئي!

دوش ڪھڙو مقدر متان مان رکان،
پنهنجي آهي وئي پنهنجي آهي ڪئي!

## غزل

تنهنجي وس ۾ آ مون کي پلائڻ پرين،
منهنجي وس ۾ نہ توکي مڃائڻ پرين!

مان چو ناراض ٿيان تنهنجي ڪاوڙ مٿان،
تنهنجو ڪم ئي تہ دل جلائڻ پرين!

بيوفائيءَ جا الزام چو تو مڙهين،
مان تہ چاهيان تو چاهت نڀائڻ پرين!

ٿورڙو خيال ڪر، ڪنهن جي جذبات جو،
ٿي چڱو ڪونہ ڪنهن کي ڏکائڻ پرين!

مون رنو تون کلئين، منهنجي ئي جيت آ،
مون تہ چاهيو ٿي توکي کلائڻ پرين!

## غزل

زندگي ڪاش ڪوئي قصو ٿي وڃي!
تو سان ٽڪرائجي حادثو ٿي وڃي.

مرڪ پنهنجي نہ رک، ڳجهہ ۾ او پرين،
مان نہ سمجهين سگهان فلسفو ٿي وڃي!

ڪونہ ٿو پيو ٽڪي تو مٿان ڪوپرم،
ڪنهن بہ واعدي تي اچ، ڀروسو ٿي وڃي!

ماٺ ئي ماٺ ۾ واءُ اهڙو گهلي،
تون اچين روبرو معجزو ٿي وڃي!

## غزل

اسان ڀاڳ پنهنجو ڦٽائي ڇڏيو!
حياتيءَ کي رڻ ۾ رلائي ڇڏيو!

نہ ٿيندو اسان کان جدا ٿي رهڻ،
توهان ڳالهہ پنهنجي ٻڌائي ڇڏيو!

وڏو وقت جاني ڳنڍڻ ۾ لڳو،
اوهان اوچتو ائين ڀُلائي ڇڏيو!

ڏئي پيار ڀريون، وري ڀوري،
زهر زندگيءَ ۾ ملائي ڇڏيو!

رهي عشق ۾ نيث ثابت قدم،
اسان پنهنجو جيون جلائي ڇڏيو!

ڇري ڇوڪريءَ سان ڪري دل لڳي،
ڏکن کي هتن سان وڌائي ڇڏيو!

## غزل

با وفا ڇو پلائي بي وفا تي وئين،
کهڙي غلطي ڪيم جو خفا تي وئين!

درد ها، سور ها، غم هئا اڳ مگر،
رهندو ٻيٽا تيا جو جدا تي وئين!

چرڪ ڪيڏو پريندو هئين ڏار ڪان،
هاڻي ڪيڏو پڪو دلربا تي وئين!

جا نہ ملندي آهي ڪنهن بہ لقمان ڪان،
اهڙي اڻ لڀ پرين ڇو دوا تي وئين!

اڳ تہ توسان رڳو هئم محبت مگر،
هاڻ مون لاءِ تون ديوتا تي وئين!

جا اگهامي نہ ڪڏهن خدا وٽ اها،
ڇو پلا هاڻ اهڙي دعا تي وئين!

## غزل

شخص ڪنهن نگاهہ ۾ گم ٿي ويو،
جڻ تہ هو الله ۾ گم ٿي ويو!

پيار جي منزل ڏکي هئي ڪونہ پر،
اڻ سڌي هو راهہ ۾ گم ٿي ويو!

تا چون پاڳل سيئي هن کي مگر،
هو تہ ڪنهن جي چاهہ ۾ گم ٿي ويو!

جو چپن جي چانئٺ مان گذريو هيو،
تنهن تڏي هو ساهہ ۾ گم ٿي ويو!

ڪونہ هن جي خيال کي جاڳي سگهيو،
هو بس ويساهہ ۾ گم ٿي ويو!

## غزل

گلن جي موسم، پيار جي موسم،
مـنـڙي آهـ بـهـار جي مـوسـم.

رنــج خــتــم، انــڪــار خــتــم،
آئــي آ اقــرار جــي مــوســم.

چوريءَ چوريءَ جهاتيون پائڻ،
جانيءَ جي ديدار جي موسم.

هڪڙي موسم، وڻندڙ موسم،
سهڻن جي سينگار جي موسم.

لـبـڙا لـبـڙن سان مـلـن بـس،
ايندي شال خمار جي موسم.

صحبت، الفت، قربت واري،
چاهت جي اظهار جي موسم.

يـادن جـي ۽ اوسـيـئـڙي جـي،
پرين جي تـ پچار جي موسم.

رب ڪان روز گـهـرن تـر وارا،
وڏ ڦڙي وسـڪـار جي موسم.

هل تـ هلي ڪا ماڻـيون پيارا،
حاڪم گل گلزار جي موسم.

## غزل

مون گذاري رات تنهنجي شهر ۾!
تي وئي پريات تنهنجي شهر ۾!

وار آلا تو چنديا جو واءُ ۾،
پئي وسي برسات تنهنجي شهر ۾!

ياد تنهنجي رات پر مون سان رهي،
بي نه هئي ڪا تات تنهنجي شهر ۾!

ڪيئن ڪري انڪار سگهندو ڪو ڪوي،
پئي وسي تي ذات تنهنجي شهر ۾!

پيار، محبت، چاهت سان ڪئي،
پئي تڪي جذبات تنهنجي شهر ۾!

تو مجان مون کي ملي آهي وئي،
پيار جي سوغات تنهنجي شهر ۾!

پيش ” حاڪم گل“ پيو تنهنجي اچي،
جنهن مجي آ مات تنهنجي شهر ۾!

## غزل

جيــون ســارو اولا تــي ويــو،
ڪـوسا ڪـوسا جـهـولا تـي ويـو!

ڪنهن جي چاهت پائڻ لئہ ڪو،
وڪ وڪ وڪـري رولا تــي ويــو!

مرڪـن سان پُر شهـر ۾ هـڪـڙو،
شـخص هيـو سو ڳـولا تـي ويـو!

بـاهـہ ۾ پـڙڪـي پـڙڪـي آخـر،
چاهہ بہ پـنـهـنجـو شعـلا تـي ويـو!

هن ڪان پوءِ تہ حاڪم گل جو،
خـيــال آ مــاسـا تــولا تــي يــو!

## غزل

پابنديون ڪيڏيون زندگيءَ ۾ هن!
اذيتون ڪيڏيون زندگيءَ ۾ هن!

پرجهلا ماڻهو ڏور ويا سارا،
ذلتون ڪيڏيون زندگيءَ ۾ هن!

بي وفا آهيان، با وفا هوندي،
تهمتون ڪيڏيون زندگيءَ ۾ هن!

هر خوشي آڏو مون رکي پو يي،
رنجشون ڪيڏيون زندگيءَ ۾ هن!

ڪنهن جي خاطر ڪو پاڻ بخشي تو،
زندگيون ڪيڏيون زندگيءَ ۾ هن!

چاهتن جو آ، جڳ سجو دشمن!
نفرتون ڪيڏيون زندگيءَ ۾ هن!

مان تڪيان چنڊ تي، هو ڏسي سج جيان،
بي رخيون ڪيڏيون زندگيءَ ۾ هن!

## غزل

توکي چاهڻ مشڪل تي پيو،
ٻيهر پائڻ مشڪل تي پيو!.

درد، غمن، سورن ۾ پنهنجو،
پاڻ ڪلائڻ مشڪل تي پيو!.

ڪيئن ڪيان مان تولئہ ساجن،
من ريجهائڻ مشڪل تي پيو!.

بي رحمي هن دور ۾ يارو،
نينهن نيائڻ مشڪل تي پيو!.

سور ئي سور رڳو دل ۾،
پيار سمائڻ مشڪل تي پيو!.

يار جو تيو حاڪم گل کي،
آهہ ڀلائڻ مشڪل تي پيو!.

## غزل

اٺ ڏهاڙا پري، اٺ صديون جڻ لڳيون،
تو سوا اوپريون سڀ خوشيون جڻ لڳيون!

جام ها جامَ پر ڪو مزو ڪونہ هو،
پُر پياليون پرين وِهَہ وٿيون جڻ لڳيون!

ڏينهن توبن سمورا سڄڻ سور ها،
۽ وري راتيون بي چَيون جڻ لڳيون!

دوستن منهنجي دل کي ڏنيون آٿتون،
پر اهي آٿتون ڪل نڳيون جڻ لڳيون!

آرسيءَ ۾ ڏٺو مون جڏهن پاڻ کي،
آب هاٽيون پرين ٻئي اکيون جڻ لڳيون!

## غزل

جنگ اسان جي جاري آهي!
سنڌ اسان کي پياري آهي!

ميرن وڏيرن کان وڌ مون کي،
پيارو لڳندو هاري آهي!

هوشو، هيموءَ کي جنهن ڄڻيو،
جيجل ڀاڳن واري آهي!

وير ونڻ چاهيون ٿا تن کان،
جن هيءَ دل آزاري آهي!

ڌاريا سنڌ ۾ ڪونہ ٿا گهرجن،
هر سنڌي انڪاري آهي!

جنهن جي دل ۾ سنڌ وسي ٿي،
تنهنجي سوچ سونهاري آهي!

سر ڏينداسين، خوش ٿينداسين،
حاڪم گل سان ياري آهي!

## غزل

صنم تو سوا پل سري ئي نہ ٿي،
رهج ساڻ، مو ڪان پري ئي نہ ٿي.

خدارا ملي وڃ گهڙي هڪ گهڙي،
متل باھ دل ۾ ٺري ئي نہ ٿي.

سوا تنهنجي جانان، زخم زندگيءَ جا،
سجڻ ڪا خوشي هئہ پري ئي نہ ٿي.

وڇوڙي تنهنجي ۾ روئي ۽ رڙي،
چري دل صفا چپ ڪري ئي نہ ٿي.

سجي رات حاڪم منهنجي ذهن تان،
آئي ياد تنهنجي ٽري ئي نہ ٿي.

## غزل

ڪير ڪنهن جي رکي ٿو ڀلا اڄڪلهہ!
هُو بہ دل ۾ رکي ٿو گلا اڄڪلهہ!

گهر ۾ وينگس وڌي هو تڏهن خوف ڪان،
بند پنهنجا رکي ٿو ڳلا اڄڪلهہ!

ڪونہ آهن رهيا بند تي ويا سيئي،
پيار جا هُن سان سلسلا اڄڪلهہ!

پيار تي تهمتون، خوامخواهہ ڪوڙ جا،
چڪ چوريءَ وجهن ٿا ڀلا اڄڪلهہ!

## غزل

دوست! تنهنجي دغائي ماري ٿي،
مون کي منهنجي وفائي ماري ٿي!

توکان وسري ويو هجان شايد،
هاڻي مون کي جدائي ماري ٿي!

سور ڪيڏا به ڏي مگر جانان!
پر اها بيوفائي ماري ٿي!

هو جڏهن زر ته ساڻ تولا ها،
يارو هاڻي سچائي ماري ٿي!

منهن ۾ هڪڙي ته من ۾ ٻي آهي،
دوستن جي ٻيائي ماري ٿي!

جنهن سان حاڪم سچو تو پيار ڪيو،
سائي توکي سچائي ماري ٿي!

**غزل**

تنهنجي ناراضگي، ٺيڪ ناهي پرين!
مون سان بي واجبي، ٺيڪ ناهي پرين!

پيار ۾ ٺورڙيگر هجي ته ڇڏيان،
ايڏي بي قاعدي،ٺيڪ ناهي پرين!

جنهن کي پنهنجو چئي راز ٿو تون سلين،
سمجهه ڪر آدمي،ٺيڪ ناهي پرين!

پل ته نفرت ئي ڏي، ڪجهه ته جانان تون ڏئي،
پر صفا بي رخي، ٺيڪ ناهي پرين!

هڪ بهانو هجي درگذر مان ڪيان،
ڳالهه تي ڳالهڙي، ٺيڪ ناهي پرين!

ڏينهن سارو انهي ۾، رهين ٿو تون گم،
ايتري شاعري، ٺيڪ ناهي پرين!

## غزل

انــديشــا ســدائــيــن رهــيــا پــاڻ ڪــي،
زمــانــو ڪــنــدو هــي جــدا پــاڻ ڪــي!

حــيــاتــيءَ مــان دل هــاڻ پــرجــي وئــي،
اِجــهــو ڇــاڻ ســڏيــو خــدا پــاڻ ڪــي!

نـہ ڪڏهن بـہ توسان ملي مان سگهان،
ڏيــان ڪــاش اهــڙي ســزا پــاڻ ڪــي!

اوهان جو ئي درشن صحت جو سبب،
نــہ بــاقــي لڳــي دوا پــاڻ ڪــي!

ڏســو تــيــز بــارش، صــحــت جــو ســبــب،
ڪــٽــي ســاڻ ويــنــدي اهــا پــاڻ ڪــي!

## غزل

يار پل ڪن ئي ڏي آسرو پيار جو،
من بچي هي پوي بانورو پيار جو.

ڪيچلا خواب، منهنجي اکين ۾ رهن،
جي ڪرين مون مٿان چانورو پيار جو.

ٿورڙو مان سُران، ٿورڙو تون بہ سُر،
آنبيري وٺون مامرو پيار جو.

بادلن جو ڏنا مرڪ لئہ لڙڪ ڪي،
سارو جهومي اٿيو چاچرو پيار جو.

آءُ ” حاڪم “ گلن سان محبت ڪيون،
اچ وڌايون پرين دائرو پيار جو.

## غزل

قسمت ۾ درد آهن، خوشين کي ڇا ڪبو!
سڏڪن ۾ سوز آهي، ٽهڪن کي ڇا ڪبو!

جيون ڏکي سفر ۾ تنها پيلا ڇو رهجي،
ساٿي جو خار بڻجن، گلڙن کي ڇا ڪبو!

جنهن ۾ نہ جوش جهلڪي جنهن ۾ نہ چاهہ چمڪي،
خاموش ماٺ رهندڙ، جذبن کي ڇا ڪبو!

سرشار جهوپا آهن، خوشين ۽ پيار سان پو،
ويران حويلين ۽ محلن کي ڇا ڪبو!

ظاهر ۾ آهہ محبت اندر ۾ آ بيائي،
اهڙن دولابي ”حاڪم“، دلين کي ڇا ڪبو!

## غزل

محبتن جي پار ڪان پرتي رهي ٿو،
هو تہ منهنجي سار ڪان پرتي رهي ٿو.

ڪونہ ٿيون منهنجون پڇن هن وٽ پڪارون،
ڇو جو سنسار ڪان پرتي رهي ٿو.

ايترو ٿي ويو خزان جي آهي ويجهو،
هر نئين بهار ڪان پرتي رهي ٿو.

هن وئي ڪان ٿي ويو تنها تنها تڏهن،
هاڻ هر سينگار ڪان پرتي رهي ٿو.

پيار پوڄيندو هيو ڪنهن وقت هاڻي،
چنڊ جي چمڪار ڪان پرتي رهي ٿو.

هاءِ! "حاڪم گل" ٿيو آ هيڪلو،
سونهن جي سهڪار ڪان پرتي رهي ٿو.

## غزل

ڏار ٽوڪان رهي دار ٽي آهيان،
زندگي مارن سڄي بار ٿو پائيان!

منهنجي ساري ڪمائي انهيءَ منجهه آ،
تنهنجي هڪڙي رڳو مرڪ ٿو چاهيان!

مون کي ساري زماني جي سونهن جو قسم،
مان سوا تو،زماني ۾ ڪجهه ناهيان!

تنهنجون يادون ٿيون بخشن مون کي زندگي،
پو پلا ڇو خدا مان بيو ٿاهيان!

## غزل

محبت ڪي من ۾ وسائي ڏنوسين!
پنهنجو پاڻ ڪي پڻ وڃائي ڏنوسين!

ڪري پيار پوڄا اسان يار پنهنجي،
حياتيءَ ڪي رڻ ۾ رلائي ڏنوسين!

وفائن جي بدلي جفائون سٺيون سين،
زهر زندگيءَ ۾ ملائي ڏنوسين!

نيائي ڏکن سان ڦٽائي سکن سان،
اندر پنهنجو آخر جلائي ڏنوسين!

ڪري پيار پوڄا اسان يار پنهنجي،
حياتيءَ ڪي رڻ ۾ رلائي ڏنوسين!

وڇوڙي جو ”حاڪم“ ڪٽي بار سر تي،
زخم پنهنجي دل تي لڳائي ڏنوسين!

## غزل

راهه ويندي ڏٺم اجنبي ڇوڪري،
جيڪا خوابن ۾ ايندي هئي ڇوڪري!

جام ڇلندڙ جيان ڇا نه انداز هو،
ڇڻ ته مون کي لڳي مئڪشي ڇوڪري!

منهنجي نيڻ کي روشن ڪري آ وئي،
چند جهڙي صفا هوءَ ڇتي ڇوڪري!

رات ڀي ننڊ نيڻ مان اڏري وئي،
چين دل جو لٽي آ وئي ڇوڪري!

من ۾ مانڊاڻ آ، دل ۾ ارمان آ،
ڪاش! مون ڏانهن اچي اڄ ڪهي ڇوڪري!

## غزل

مون کي چڏيندين، مون نہ سوچيو هو،
ڏکڙا ڏيندين، مون نہ سوچيو هو!

پنهنجو هوندي، غيرن جهڙو،
رويو هلندين، مون نہ سوچيو هو!

ڪونہ ڪيئي احساس ڪو منهنجو،
سنگدل ٿيندين، مون نہ سوچيو هو!

درد رکي بي دردن وانگيان،
هيانءُ وڍيندين، مون نہ سوچيو هو!

قبول ڪيو هيئي گڏجي رهڻ جو،
ڌار بہ رهندين، مون نہ سوچيو هو!

بي قربن جيان تون "حاڪم" کان،
پيرو پچيندين، مون نہ سوچيو هو!

## غزل

آهہ تنها زندگي ڄڻ تو بغير !
بي مزي آ بندگي ڄڻ تو بغير!

مان نہ تنهنجي سونهن تي شاعر ٿيس،
سا اڌوري شاعري ڄڻ تو بغير!

منهنجي من ۾ جو جڙيل سپنن جو گهر،
بَرُ لڳي ٿو اي سکي ڄڻ تو بغير!

جيل جيڏي منهنجي هن جيون اندر،
ڪا رهي ناهي خوشي ڄڻ تو بغير!

تون جو ناهين مون کي ائين پاسي پيو،
دنيا دوکو آ لڳي ڄڻ تو بغير!

هاڻ " حاڪم گل" جي آهي الوداع،
دل نہ ٿي ڪا ٿي لڳي ڄڻ تو بغير!

## غزل

هلي جي وئي هر خوشي موڪلائي،
اسان کان وئي زندگي موڪلائي!

رهيو ڪو نہ احساس آ دوستن ۾،
جڏهن کان وئي، دوستي موڪلائي!

مرڻ پيي گهرون ٿا مگر ڪونہ ٿئي ٿو،
وئي آ هلي خودڪشي موڪلائي!

خزان ٿي ويو هر چمن آ تڏهن کان،
گلن مان وئي تازگي موڪلائي!

وئين تون جڏهن کان، تڏهن کان وئي آ،
اسان کان پرين بندگي موڪلائي!چ

## غزل

تـون جڏهـن ڪـان ڪـيا سـپ ختـم سـلسـلا،
ڏيـنـهـن مـحـشـر تـيـو رات تـي ڪـربـلا.

تـو تـہ نـڪـرائي مـون کـي چـڏيـو آهـي پـر،
جـوڙ هـڪ ٻـئي جا هـونـدا آهـن پـرجـهـلا.

مون کان جهوليون پري تو وتيون چاهہ جون،
مـوت نـفـرت سان مـون کـي ڏنـئي چـو پـلا؟

تـون چا چاڙي پـتـر دل تـنـهـنـجـي پـيـار ۾،
طـئہ کـيـا هـا مـون کـيـڏا پـريـن مـرحـلا.

تـو چـيـو هـو وچـوڙو نـہ تـيـنـدو کـڏهـن،
پـل تــہ طـوفـان اچـن يـا اچـن زلـزلا.

سـنـگـدل ڏور تـنـهـنـجـي وجـڻ کـان تـہ پـوءِ
کـوڙ سـارا کـڙا تـي ويـا مـسـئـلا!

چا کان کـلـفـت جـو اهـڙو زهـر اوتـيـئـي،
جـو پـيـئـڻ سـان وڏا تـي ويـا فـاصـلا.

## غزل

اگر مون کي ڳولهين ڪتابن ۾ لهجان،
پرين درد وارن خطابن ۾ لهجان.

آهيان درد وستي جو پتڪيل رهواسي،
رڳو درد دل جي احبابن ۾ لهجان.

ڏکن ڏاڪڙن جي ڪتابن ۾ جيڪي،
انهن ئي سوالن ۾ لهجان.

جڏهن واس منهنجو وڻڻ ڀي تون چاهين،
تہ رابيل سان گڏ گلابن ۾ لهجان.

اجان ڀي جي قلبي تون راحت نہ پائين،
تہ مئخاني جي اندر شرابن ۾ لهجان.

جڏهن جسم ٿيندو منهنجو لحد اندر،
ملڻ ٿيندو مشڪل، پو خوابن ۾ لهجان!.

## غزل

سورن ۾ هر ويلو جيون،
تو بن هاءِ اڪيلو جيون!

شام غريبان بڻجي ويو آ،
منهنجو هي البيلو جيون!

توکي تنهنجو پهتو پياري،
سهڻو آهه سويلو جيون!

سانئڻ ڪيئن گُذاري سگهيو،
هيڏو سارو ٻيلو جيون!.

تنهاين ۾ گم ٿي ويندو،
”حاڪم گل“ هي ميلو جيون!

## غزل

صداقت کي سمجهڻ وڏي ڳالهه آهي!
محبت کي سمجهڻ وڏي ڳالهه آهي!

لبڙن تي مرڪون ۽ دل ۾ ڌڪارون،
حقارت کي سمجهڻ وڏي ڳالهه آهي!

خدا جي عبادت کي دنيا ڇا ڄاڻي!
عبادت کي سمجهڻ وڏي ڳالهه آهي!

ڪو خوشين ۾ گهاري، ڪو ڏکڙن ۾ گهاري،
تفاوت کي سمجهڻ وڏي ڳالهه آهي!

حشر نيث ٿيندو نه ٿو لوڪ سمجهي،
قيامت کي سمجهڻ وڏي ڳالهه آهي!

## غزل

واءُ گهلي آ سير ڏئي وئي،
سوچن ۾ ڪي جهير ڏئي وئي!

ڪيئن وساريان تنهن کي الا مان!
نيڻن ۾ جا نير ڏئي وئي!

خوشيون ساڻ کڻي ۽ مونکي،
درد واري هير ڏئي وئي!

تون نہ وفا مان، ”حاڪم“ چاڻي!
لفظ چئي هي، چير ڏئي وئي!

## غزل

ڏور مون کان يڪو ٿي ويو آن،
دوست! ڪيڏو پڪو ٿي ويو آن!

قرب ۽ پيار، سڀ ڪجهہ هو تو وٽ،
هاڻ ائين ڇو رکو ٿي ويو آن!

ڪيڏو ڳوليم مگر ڪونہ مليئين،
تون تہ اٽلي سِڪو ٿي ويو آن!

روز تنهنجا هئا پنڌ مون وٽ،
هاڻ ڇو تون جهڪو ٿي ويو آن!

## غزل

پاڪر ۾ آ، رات هلي آ،
تن ۾ ساڳي تات هلي آ.

ڪويل جي آ ڪُو ڪُوءَ واري،
موٽي سا پريات هلي آ.

جنهن پل توسان ٽي آ جيڪا،
تنهن پل واري بات، هلي آ.

تنها منهنجو ڪهڙو جيئڻ!
ڏور ٽئر سڪرات، هلي آ.

حاڪم گل جي پيار جي آهي،
وائي هر ڪنهن وات، هلي آ.

## غزل

سفر آهي اوکو مگر جستجو آ،
ڇُمان چنڊ کي مان اها آرزو آ!

اڙي رات ٿورو اجان ترسجان تون،
رهيل پنهنجي ٿوري اجان گفتگو آ!

رُکي زندگي پي تي سٽيي پئي اڄ،
انهيءَ لاءِ شايد پرين روبرو آ!

انهيءَ لاءِ دوکو مليو آهي مونکي،
پرينءَ جي مهاندي صفا هوبهو آ!

تنهنجي نانءُ جي هاڻ تسبيح پڙهندس،
کيو مون صبح جو سويرو وضو آ!

جي چاهين تہ جڳ ۾ تين سرخرو هي،
سندءِ هٿ عوشاقن سندي آبرو آ!

## غزل

پيـر اگـهـاڙا، رسـتـا ڪـنـدا!
جـون جـا هـاڙا، رستـا ڪـنـدا!

تـوڏي ايـنـدڙ ويـنـدڙ آهـن،
سـيـئـي لاڙا، رسـتـا ڪـنـدا!

نهنجي خاطر جوڙي ويندس،
تـيـز ڏهـاڙا رسـتـا ڪـنـدا!

تنهنجي واهڻ جا هن سانئڻ،
آڙا پـاڙا، رسـتـا ڪـنـدا!

حاڪـم گـل سـموري سنڌ آ،
چـوڙيـون، ڏاڙا، رسـتـا ڪـنـدا!

## غزل

پيار تنهنجي رڳ ۾ موجود آ،
واس وارن جهڳ ۾ موجود آ.

پاڻ پنهنجو ٿورڙو جانچي تہ ڏس،
سونهن تنهنجي جڳ ۾ موجود آ.

شور پائل جو ڪري تون اچ ڪٽي،
ديد منهنجي ڏڳ ۾ موجود آ.

تون يلي ڏس پيارڪي پرڪي پرين،
جان منهنجي اڳ ۾ موجود آ.

روح جو ريشو سڳو چئجان نہ تون،
ساهہ سارو سڳ ۾ موجود آ.

## غزل

سنجيده ٿي سوچيو آهي،
تو ڪان وڇڙي پوڳيو آهي!

سانئڻ تو کي ساهہ جيان مون،
پنهنجي ساهہ ۾ اوتيو آهي!

پنهنجي وڇڙڻ تي اوجانان،
تو بہ ڪڏهن ڪو سوچيو آهي!

تنهنجي نازڪ ڏيمي لهجي،
منهنجي من کي موهيو آهي!

تنهنجي هڪڙي مرڪ مٺان جي،
جيون توکي سونپيو آهي!

ويلنٽائن ڏي بہ اچي ويو،
آءُ ملڻ جو موقعو آهي.

## غزل

ساز وڄندا رهيا،
پير هلندا رهيا.

ڪنهن وڏيري اڳيان،
جو نچندا رهيا.

ڪنهن جي عزت مٿان،
ٺهڪَ ڏيندا رهيا.

درد سان جي پريل،
جامَ ڇُلندا رهيا.

## غزل

هيل وئڪيشن تنها گهاري،
هاءِ گذاريم روئي ساري!

اش! اهو مان اڳ ڄاڻان هان،
چاهت منهنجي تيندي پاري!

مرڪ کي وئين، لڙڪ ڏئي وئين،
ڪيڏي ڪئي تئي دل آزاري!

تو لئي اڄ يي پتر دل ڏس،
لڙڪ اکين مان جاري!

دل جي محل ۾ منهنجي ذهن تي،
ياد اچان آ تنهنجي طاري!

سيڻن سان گڏ سوريءَ تي چڙهه،
”حاڪم گل“ تو دل چو هاري!

## غزل

بهارن ڪي ياڪر ۾ آڻي ڇڏيو،
اوهان ڪي جڏهن ڪان مون ماڻي ڇڏيو!

وڇوڙي جي خوفن ورائي پرين،
خزان جيئن مون ڪي آ چاڻي ڇڏيو!

اڙي او زمانا اسان پيار ۾،
ويا هون تي مدهوش هاڻي ڇڏيو!

ڪئي عشق اپٽار منهنجي مٿان،
ڇڏيا ڪيئن مان پل تہ گهاڻي ڇڏيو!

## غزل

سرهيون سوچون خواب حقيقت،
مستي موج شباب حقيقت.

نيڻ خمار، خمار او جاني،
ساغر منجهه شراب حقيقت.

پيار جي ڪافي حد نه آهي،
پين، پنا ۽ ڪتاب حقيقت.

نيڻ ملائڻ ناز پرين جو،
شرم حياءُ حجاب حقيقت.

چهرو خوشبو روشن روشن،
اصل صفا مهتاب حقيقت.

هو جي نهارن ۽ جي مرڪن،
پاڳل تين احباب حقيقت.

## غزل

دردِ ڪيڏا گهرا مون لئہ،
ڪيڏا آهن پهرا مون لئہ.

سڀ لئہ تہ وٽ خوشيون باقي،
آهن در ابهرا مون لئہ.

اڳ تہ ڪونہ هئين چو هاڻي،
ايڏا ڏاريئي چهرا مون لئہ.

منزيون ڳالهيون سڀ سان ليڪن،
تنهنجا جملا ڪهرا مون لئہ.

تنهنجون گڏ گڏ رهنديون ”حاڪم“،
يادون ٻڻجي صحرا مون لئہ.

## غزل

چهرن ۾ چمڪاڻ ڪتي آ!
لبڙن تي لالاڻ ڪتي آ!

گُهگهه اوندهه آ رات سڄي اڄ،
چنڊ تنهنجي چانڊاڻ ڪتي آ!

گند سمورو پوءِ به چئي تو،
ماحولي گدلاڻ ڪتي آ!

تنها تو بن خوش هان، ڏس تون،
نيڻن ۾ آلاڻ ڪتي آ!

نيڻ اداس ۽ مرڪون مانيون،
ٿڪن جي سرهاڻ ڪتي آ!

توريءَ جاني جڳ سڄي ۾،
حاڪم گل کي ڪاڻ ڪتي آ!

## غزل

سمورو چاهُه موري ۾،
تڪي پيو ساهُه موري ۾.

سجائي زندگي پنهنجي،
رکي وياهُه موري ۾.

سجاڻپ شهر جي آهي،
تہ "راشد شاهہ" موري ۾.

منهنجي خاموش جذبن کي،
مليو اتساهہ موري ۾.

ڇڏي جنهن چيچ راشد جي،
سان ٿيو گمراهہ موري ۾.

"پنهنجي ادبي استاد سائين راشد موري لاءِ لکيل

# وايـــــــون

ڏيـــنـــهـــن مـــجـــي يـــا راتم
هـــر پـــل تـــنـــهـــنـــجـــي تـــاتم
مـــن تـــڙپـــائـــي ٿـــي.

## پيارڱ سونهن جو شاعر: حاڪم گل

شاعري نفيس جذبن جي اظهار جو ذريعو آهي، جنهن ۾ اکر اکر مُنڊيءَ جي ٽِڪ جيان اُجرو ۽ گلاب جي پنکڙيءَ جيان سرهو محسوس ٿيندو آهي. سنڌي شاعري ان ڪري بہ مقبوليت ماڻي آهي، جو هن ۾ ٻوليءَ جو سواد ۽ سُرن جي سونهن موجود آهي. سنڌي شاعريءَ جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ آهن، اهو ئي سبب آهي جو سنڌي شاعريءَ جا موضوع ٻين ٻولين جي شاعري کان جُداگانہ نرالا الڳ آهن، جن کي اسان جي نوجوان شاعرن خوب نڀايو آهي. نئين ٿهيءَ ۾ ڪيترائي شاعر اڀريا آهن، جن پنهنجي انداز سان اظهار جي نئين روايتن کي جنم ڏنو آهي ۽ ادب جي گلستان ۾ سونهن، سرت ۽ سرهاڻ پيدا ڪئي آهي. انهن گلن ۾ حاڪم گل جو نالو بہ شامل آهي.

حاڪم گل، پنهنجي شاعريءَ ۾ سادا لفظڱ نغمگيءَ کي برقرار رکيو آهي. سندس شاعري جو فني سفر اجان وڌڻ واري دڳ ۾ آهي. پر فڪري طرح هن سنڌ جي سمورن مسئلن کي ڇهيو آهي. سندس انداز ۾ سنڌ جي ڇيڪي مِٽيءَ جو واس سمايل آهي. ان مٽيءَ ۾ ڪلا ڪيتر جي ڪيترن ئي پاسن جي خوشبو پريل آهي.

حاڪم گل جي شاعريءَ ۾يار جون ادائون ۽ رمزون بہ آهن، تہ قرب وارن جا ماڻا ۽ ڏک بہ ليئا پائن ٿا. زماني جون شڪايتون ۽ محبت جو انداز هڪ سچي ۽ صاف ماڻهوءَ کي اپاري ٿو. جنهن سان پڙهندڙن کي موهہ ملي ٿو.

حاڪم گل، شاعري جي ان سفر ۾، ڪيترن ئي سنگ بنيادن جو سبب بڻيو آهي ۽ ادب ۽ ٻوليءَ جي راهہ ۾ هڪ نشان ٿي اڀريو آهي.

اسان جي دعا آهي تہ حاڪم گل جي ان سفر ۾، هن جي شاعري جي سرهاڻ سان، سنڌي ٻولي، سنڌ ڌرتي ۽ ان جي سموري سندرتا اجان وڌي ۽ هن جو فن اجان نکري.

**ڊاڪٽر ذوالفقار سيال**

ڪراچي، 4 اپريل 2016ع

**وائي**

خالي گهر ۾ مان،
سڏڪا تا پريون!

ڪونهي چنڊ اڱڻ اڄ،
هاءِ پدر ۾ مان،
سڏڪا تا پريون!

تنهنجي وئي ڪان پوءِ مني،
پل پهر ۾ مان،
سڏڪا تا پريون!

ويران تي وياسين الا!
منهنجو شهر ۾ مان،
سڏڪا تا پريون!

**وائي**

ڏينهن هجي يا رات،
هر پل تنهنجي تات،
من تڙپائي ٿي.

چنڊ تنهنجي شوخي ۾،
تارن جي بارات،
من تڙپائي ٿي.

ننڊ اکڙين ۾ الا،
خوابن جي برسات،
من تڙپائي ٿي.

تنهنجي خيالن سان منٺي،
پيار پري هر رات،
من تڙپائي ٿي.

**وائي**

زنـــــدگـــــي ويـــــران آ،
تـو بـنـا او سـانـوري!

نـہ ئـي جـيـئـڻ تـو گـهـران،
نـــہ ئـــي مـــوت آســـان آ،
تـو بـنـا او سـانـوري!

نـہ ئـي منـهـنجـوڪـو مـذهـب،
نـــہ ئـــي ڪـــو ايـــمـــان،
تـو بـنـا او سـانـوري!

نـاهــي دل ۾ ڪـا خـوشِ،
خـــالـــي بـــس مـــيـــدان آ،
تـو بـنـا او سـانـوري!

هـــاڻ تـــيـــنـــدو چـــا پـــلا!
”حـــاڪـــم گـــل“ حـــيـــران آ،
تـو بـنـا او سـانـوري!

**وائي**

هيڪو تو مان رهان،
هن هيڏي سنسار ۾،
اجان نہ آئين تون پرين!

واعدو اچڻ جو تو ڪيو هو،
پياري موسم بهار ۾،
اجان نہ آئين تون پرين!

جيون سارو گذريو آهي،
تنهنجي ئي انتظار ۾،
اجان نہ آئين تون پرين!

خوشبو هر هنڌ تي وئي آ،
گ ٽڙيا گلزار ۾،
اجان نہ آئين تون پرين!

**وائي**

ننڊ نيڻ ڦٽي،
ياد ڪوئي آيو!

چين دل جو لٽيو،
دل چري ٿي پئي،
ياد ڪوئي آيو!

رات نيڻ جو چيو،
ننڊ وئي آ رُسي،
ياد ڪوئي آيو!

رات ساريءَ مٽان،
ٻاڪ جنهن پل ڦٽي،
ياد ڪوئي آيو!

**وائي**

تــانــگــهـــ وئـــي آ وڌي،
ايـــڏي تـــون ڏور چـــو!

تـــوڪـــي پـــائـــڻ لـــئـــ مـــون،
دنــــيــــا ســــاري چــــڏي،
ايـــڏي تـــون ڏور چـــو!

تـــون جـــو نـــاهـــيـــن هـــتـــي،
ڏات وئــــــي آ رُســــــي،
ايـــڏي تـــون ڏور چـــو!

تـــو ســـوا او پـــريـــن،
دل آ ڏاڍي ڏکــــــــي،
ايـــڏي تـــون ڏور چـــو!

آءُ مـــون ڏانـــهـــن مـــنـــهـــنـــجـــا،
ســـڏڪـــا ســـانـــئـــڻ ٻُـــڌِي،
ايـــڏي تـــون ڏور چـــو!

تـــنـــهـــا تـــنـــهـــا مـــتـــي،
ڪـــونـــ ســـگـــهـــنـــدس رهـــي،
ايـــڏي تـــون ڏور چـــو!

**وائي**

جهاتي پائي ڏسو،
هيءُ منهنجو اندر،
رڻ پٽ تو لڳي!

هوءَ وئي جو هتان،
هاڻي سارو شهر،
رڻ پٽ تو لڳي!

لڳي ڪنهن جي نظر،
خوشين جو گهر،
رڻ پٽ تو لڳي!

اڳ جو وڻندو هيو،
سونهن جو سو نگر،
رڻ پٽ تو لڳي!

# گيت

## گيت

درد دل ڪي ڏئي،
مند موتي وئي،
او پرين او پرين،
تون نہ آئين اڃان،
پيو تو راهون ڏسان!

مينهن ڪڙڪي پيا،
ڪي رنل پرچي پيا،
منهنجي نيڻن اندر،
خواب مُرڪي پيا.
او پرين او پرين،
تون نہ آئين اڃان،
پيو تو راهون ڏسان!

ڪوڪ ڪويل ٻڌي،
تانگهہ دل ۾ وڌي،
تون نہ پرواهہ ڪئي،
سار لڙڪن لڌي،
او پرين او پرين،
تون نہ آئين اڃان،
پيو تو راهون ڏسان!

درد جاڳي پيو،
رات کي ڏينهن ڪيو،
زندگي جو ڏيئو،
ها وسامي ويو،
او پرين او پرين،
تون نہ آئين اڃان،
پيو تو راهون ڏسان!

### گيت

منهنجا انگ اگهاڙا، ڙي!
ليڙون ليڙون لٽڙا، ڙي!

نراس آهيان نراس آهيان،
ڳيپي ٽڪر لئہ اداس آهيان!
نہ ڪو هي تو ڪا سار منهنجي،
نہ ڪو ٻڌي تو پڪار منهنجي،
ڪير سُڻي هي سڏڙا، ڙي!

نہ پيءُ مون کي، نہ ماءُ مون کي،
اصل کان مليو هي گهاءُ مون کي،
سهي ظلم نيٺ پيس مان ٿڪجي،
ڏسي روئان تو مان راند رت جي،
ڪونہ اُگهي هو ڳوڙها ڙي!

جتي ڏکن جي والار هوندي،
پلا اتي ڪيئن بهار ايندي!
جتي ظلم جي ڪا باهہ ٻرندي،
جتي حياتي بہ سور سهندي،
قياس پلا ات ڪهڙا، ڙي!

## گيت

منهنجي سنڌ جا پيارا ماڻهو،
اجرڪ ٽوپيءَ وارا ماڻهو،
منهنجا جيءَ جيارا ماڻهو،
منهنجي سنڌ جا پيارا ماڻهو!

مک تي مرڪون يار سجائن،
پنهنجي سيني ساڻ لڳائن،
دشمن کي پي دوست بڻائن،
ڪيڏا هن دل وارا ماڻهو.

تنهنجي سڏ تي مور تي نچندا،
جيجل تو تي ساهه ٻه ڏيندا،
جوان، جبل، جوڌا تي لڙندا،
منهنجا سنڌي سارا ماڻهو.

ڪيڏو من ۾ پيار رکن ٿا،
سونهن جو چڱ سنسار رکن ٿا،
محبت جو وهنوار رکن ٿا،
”حاڪم گل“ موچارا ماڻهو.

## گيت

يــلا ڪـيـئـن پـيـاري وسـاري ڇڏيـنـدس،
مـنـي تـوکـي ڇا لـئـہ وسـاري ڇڏيـنـدس،
ائـيـن ڪـيـئـن تـوکـي وسـاري ڇڏيـنـدس!

اهــي نــيــڻ آلا، ڪــڪــر ۽ جــهــڙالا،
تنهنجي شاعريءَ ۾ منهنجا سڀ حوالا،
اهـ ڳـل ڳـراتـي، اهـا چـوهـہ چـاتـي،
ڪٿي منهنجي تصوير سيني تـو لاتي!
يــلا ڪـيـئـن پـيـاري وسـاري ڇڏيـنـدس!

منهنجون يادگيريون سميٽي سهيڙي،
اندر منجهہ تن کي ڪنديري پڪيڙي،
انــهــي آســري تــي حــيــاتــي گــذارڻ،
پــڪــارڻ، ســنــيــارڻ ۽ هــر روز ســارڻ،
يــلا ڪـيـئـن پـيـاري وسـاري ڇڏيـنـدس!

ڇـڙهـي ڪـوٺـي تـي وار، آلا سـڪـائـڻ،
چـپـن ئـي چـپـن ۾ وري مـسـڪـرائـڻ،
منهنجي نانءَ تي توکي هر هر چڙائڻ،
۽ روزانـو تـوکـي سـکـيـن جـو سـتـائـڻ،
يــلا ڪـيـئـن پـيـاري وسـاري ڇڏيـنـدس!

## گيت

چڏي يار دنيا هليو وڃبو هاڻي،
پيلا ڪنهن جي خاطر هتي جيبو هاڻي!

انهيءَ کان بهتر تو ماري ڇڏين ها!
مگر ائين نه در تان ڌڪاري ڇڏين ها!
اهو سور ڪيسين پرين سهبو هاڻي!

تنهنجي بيوفائي اندر کي وڍي ٿي،
ڪوري ماس منهنجو هڏن تان ڪپي ٿي،
اهو درد دل جو ڪتان گهٽبو هاڻي!

مجان تو نه توکي وسارڻ ڏکيو آ،
سوا تنهنجي جيون گذارڻ ڏکيو آ،
مگر پاڻ ”حاڪم“ پلي ونبو هاڻي!

## گيت

ائين وئين تو پري،
مون کان دلڙي ڦري،
ايڏو نه پرين تي پڪو،
هاڻي يار تون موٽ سگهو.

مون کان ياد نه تنهنجي وسري تي،
هر ويل ڏکن ۾ گذري تي،
هڪ آهه اندر مان اُپري تي،
تڙپي تو پوان،
چا هاڻي ڪيان!
ديدار لئه روئان پيو.

هر رات جو سور ستائن تا،
تنهنجا پور پرين تڙپائن تا،
پر تارا ئي پرچائن تا،
سج ايري لٿا،
تنهنجي خبر نه ڪا،
هر ڏينهن ڏکن ۾ ڪٽيو.

آ جيءُ جهري پيو حاڪم جو،
هي هيانءُ ڏري پيو حاڪم جو،
۽ روح رڙي پيو حاڪم جو،
اها خبر ٻڌي،
من ملڻ اچي،
ڪو سور پوي تو جهڪو.

## گيت

ڪوڙ خوشيون ڪٽي، عيد پهتي اچي،
يار مرڪون ڪٽي، عيد پهتي اچي

ڏينهن آهي وڏو، يار ڪاوڙ ڇڏيو،
پائي ياڪر سيئي، ٿهڪ ڏيئي ملو،
موج مستيون ڪٽي، عيد پهتي اچي.

ڪهڙا ليڪا ڪجن، عيد جي ڏينهن تي،
سر بہ گهوري ڏجن، عيد جي ڏينهن تي،
آءُ تہ پرچون ڪٽي، عيد پهتي اچي.

ڪنهن جي اقرار جون، ڪنهن جي ديدار جون،
يار ”حاڪم“ وري ڪنهن جي سينگار جون،
ڪيئي گهڙيون ڪٽي، عيد پهتي اچي.

## گيت

جــانـــي ڙي جــانـــي ڙي!
او الـــبـــيـــلا جــانـــي ڙي!

رات گهٽا گهنگهور آ ساٿي،
طـوفـان بـارش زور آ سـاٿـي،
ديـپ اجـهـامـي ويـنـدو ڙي!

سرت وني وچ، سرت ڏئي وچ،
پيار جهڙي ڪا ڪرت ڏئي وچ،
مــن نــري هــي پــونـدو ڙي!

”حـاڪـم“ ڪـي چـورائـڻ وارا،
دل ڪــي قــيـد بـڻـائـڻ وارا،
تـوکـي بـہ چـيـن نـہ ايـنـدو ڙي!

## گيت

سنڌ منهنجي امان،
آءٌ تنهنجو تيان،

منهنجي خيالن ۾ تون،
منهنجي سوچن ۾ تون،
منهنجي خوابن ۾ تون،
منهنجي شعرن ۾ تون،
تنهنجا گيت جوان،
سنڌ منهنجي امان.

تنهنجا ٻارا وسن، ڪيت خوشبوءِ ڏين،
گلڙا جهومي اٿن، مرڪي آجيان ڪن،
تو ۾ خوشيون ڏسان،
سنڌ منهنجي امان.

توکي سجدو ڪيان، تنهنجي مٽي چمان،
تنهنجي نالي مٿان، پاڻ کي ارپيان.
ساهه وتي ڏيان،
سنڌ منهنجي امان.

سنڌ مون کي سڏي، منهنجي دل تي چوي،
جان تنهنجي جي مٿان، يار ”حاڪم“ ڏجي،
ڪاش! تولئه مران،
سنڌ منهنجي امان.

## گيت

جانيئڙا ايڏي دير تہ نہ لاءِ،
سانولڙا، ايڏي تون دير تہ نہ لاءِ،
روئي روئي راتيون ڪٽيان ٿو،
روز جيئان ٿو، روز مران ٿو.
ڏي ڪا اچي دلجاءِ!

منڊ بہ موتي آئي آهي،
مان پيو تڙپان توکي چاهي،
موتي مُنڊ ملهاءِ!

توکان پري ٿي ڪيئن رهان مان،
هڪ جيڏن سان ڪيئن کلان مان،
اءُ اچي تون کلاءِ!

”حاڪم“ کي ڏي اچڻ جو واعدو،
من بيمار کي ٿي پئي فائدو،
منهنجو جيءُ نہ جلاءِ!

## گيت

مان تنهنجو، تون منهنجي،
آ ڳالهہ ڪيون چاهت جي،
او پياري، او پياري او پياري، دل واري.

اهي نيڻ نشيلا تنهنجا، ويا جادو ڪري منهنجي دل کي،
اها مرڪ چنبيلي تنهنجي، وئي قابو ڪري منهني دل کي،
تنهنجو جلوو جوين جاني، منهنجي توبہ توبہ زاري،
پلا ڪيئن وساري سگهندس، مان تنهنجي صورت پياري!

او منهنجي من جي راڻي، تون منهنجي پيار ڪهاڻي،
تعريف ڪيان چا تنهنجي، تون سونهن ۾ آ ساماڻي،
تنهنجي عشق اندر ۾ سهڻي، آ باهہ برهہ جي ٻاري،
پلا ڪيئن وساري سگهندس مان تنهنجي صورت پياري.!

## گيت

مـــنـــهـــنـــجـــي دل تـــي چـــوي،
ســنــڌ ڪــي پــوڄــجــي، ســنــڌ ڪــي ڳــائــجــي.

پـنـهـنـجـو ڳـاڙهـو جـهـنـڊو، اوچـو اوچـو جـهـنـڊو،
مـــنـــهـــنـــجـــي دل تـــي چـــوي،
تـنـهـن ڪـي جـهـولائـجـي، تـنـهـن ڪـي ڦـهـلائـجـي.

سـن جـي سـيـد سـچـي، ڳـالـهـه جـيـڪـا ڪـئـي،
مـــنـــهـــنـــجـــي دل تـــي چـــوي،
تـنـهـن سـان دل لائـجـي، تـنـهـن ڪـي ڦـهـلائـجـي.

جـنـهـن سـان جـاڳـي پـئـون، جـوش ڪـائـي اٿـون،
مـــنـــهـــنـــجـــي دل تـــي چـــوي،
گـيـت ڪـو نـاهـجـي، تـنـهـن ڪـي ڦـهـلائـجـي.

## گيت

ڪري چڏيو تو قيد آ،
سڪي پنهنجي نگاهہ ۾!

اوسانوري، او بانوري، تون ئي تہ منهنجي شاعري،
او پوپري، اوجل پري،تون آءُ هڪ پيرو وري.
تون پيار ڏي، ڪو قرار ڏي،
سمايان توکي ساهہ ۾!

او مهجبين، او دلنشين، ڪيڏي تہ آهين تون حسين،
او بلبلي، او ڪيچلي، آ مرڪ تنهنجي ململي،
هي دل تہ مان نيڻ پي،
وڇايان تنهنجي راهہ ۾!

او ڪونجڙي،او پورڙي، ڪا قرب جي تون ڏي گهڙي،
منهنجي مني، يا مل اچي، يا پيار جي موڪل چئي،
تنهنجو حاڪم تنهنجو قسم،
تنهنجو مري تو چاهہ ۾!

## گيت

ساٽ چـنـي پـرديـس هـلـي وئـي،
مـنـهـنـجـي مـن جـي راڻـي ڙي!

روئي رڙي تـي، دانهـون ڪـري تـي،
مـنـهـنـجـي دل ويڳـاڻـي ڙي!

ڪنهن ڪي ٻڌايان پنهنجو يارو،
دردن جـــي آڪـــاڻـــي ڙي!

دنـيـا پـر جـا سـور ڏئـي وئـي،
”حـاڪـم“ جـاڻـي واڻـي ڙي!

## گيت

مولا منهنجو هڪڙو عرض اگهاءِ،
مونکي منهنجي دلبر سان ملاءِ،
ڪيڏا ڏينهن تي ويا آهن،
نہ ڪي ديدار ٿيا آهن،
منهنجي دل ۾ سوين جاني،
سور جاڳي پيا آهن،
روز رئا ن ٿو او سائين تون منهنجي هيءَ اميد هاڻي پڄاءِ!.

تنهنجي وڇوڙي وار ڪيو آ،
مون کي هت بيمار ڪيو آ،
تو سوا ساهہ ٿو منجهي،
مزو ئي ڪونہ ٿو اچي،
وڇوڙ تنهنجي ۾ پرين،
منهنجي هيءَ جان ٿي جلي،
روز رئا ن ٿو او سائين تون منهنجي هيءَ اميد هاڻي پڄاءِ!.

هڪڙو ڀيرو يار ملي پئي،
منهنجو ٻي شل ڀاڳ کلي پئي،
رب ڏي هتڙا ٿو ڪٽان،
آسري ان ۾ ٿو جيئان،
روز رئا ن ٿو او سائين تون منهنجي هيءَ اميد هاڻي پڄاءِ!.

”حاڪم گل“ جي ٻڌ تون پيارا،
ويس ڪيان مون تولئہ ڪارا،
جنهن ڪان تنهنجو ٿو مان پڇان،
ورندي نہ ۾ ٿو ٻڌان،
تنهنجي جي زبر ملي پئي،
پيرين پنڌ مان اتي پڄان،
روز رئا ن ٿو او سائين تون منهنجي هيءَ اميد هاڻي پڄاءِ!.

## گيت

تـوڪـي دل ڏئـي آزار ڪـيـو مـان پـنـهـنـجـي دل سـان آهـي،
تـــوڪـــي ســـچ تـــو يـــار ٻـــڌايـــان،
مـــان ڏاڍو تـــڙپـــيـــو آهـــيـــان،
او دلـــبـــر تـــوڪـــي چـــاهـــي!

ڪو قدر منهنجو ڪونہ ڪئي تو پيار منهنجي جو جاني،
تـو مـنـهـنـجـو حـال وجـائـي،
پـنـهـنـجـي چـڪـر ۾ ڦـاسـائـي،
ڇـڏيـئـي مـون ڪـي سـهـڻـا ڏاهـي!

ڪنهن ڪي سورن جي مان دانهن ڏيان ڪو ٻڌڻ وارو ڪونهي،
تـون مـوج پـلـي ڪـر خـالـي،
پـر مـونـتـي پـيـارا حـالـي،
تـو خـلـق ڇـڏي آ ڪـلائـي!

بيمار پيو هان بستر تي توڪي پرواهہ منهنجي ڪهڙي،
تـي ويـنـدو رب ڪـي پـيـارو،
جـڏهـن ”حـاڪـم گـل“ ويـچـارو،
پـوءِ روئـنـديـن نـاهـي نـاهـي!

### گيت

تنهنجو اکڙيون واهه واهه،
تنهنجا ڳلڙا واهه واهه،
تنهنجو لڪڻ واهه واهه،
تنهنجي هر هڪ ادا آ پياري،
هاءِ او پياري!

منهنجي دل تي چوي تو تان قربان ٿيان،
پنهنجو توتي پرين ساهه ۽ سِرُ ڏيان،
تنهنجو اچڻ واهه واهه، تنهنجو وڃ واهه واهه،
تنهنجو هلڻ واهه واهه، تنهنجو وڃڻ واهه واهه،
تنهنجي هر هڪ ادا آ پياري،

توکي پنهنجي مان سامهون ويهاري ڇڏيان،
تو کي ساري عمر وينو ڏسندو رهان،
تنهنجو جوڀن واهه واهه، تنهنجو جيون واهه واهه،
تنهنجو ويهڻ واهه واهه، تنهنجو اٿڻ واهه واهه،
تنهنجي هر هڪ ادا آ پياري،

پنهنجو قيدي بڻايئي حاڪم گل کي،
پنهنجي دل ۾ ويهايئي حاڪم گل کي،
تنهنجا جلوا واهه واهه، تنهنجو پرچڻ واهه واهه،
تنهنجي هر هڪ ادا آ پياري،

## گيت

تو وچوڙا ڏين عمر تون، پيار ۾ ليڪا نہ ڪر،
زندگي آ دم گذر تون، پيار ۾ ليڪا نہ ڪر!

پهريان پنهنجو پيار ڏئي پو چو پلائڻ تو گهرين،
خاڪ ۾ منهنجون اميدون چو ملائڻ تو گهرين،
ڪر ڪرم جي ڪا نظر تون، پيار ۾ ليڪا نہ ڪر!

ڪنهن جي دلڙيءَ کي ڏکائڻ ڪم چڱو ناهي پرين،
پيار وارن لاءِ ڪو بي غم چڱو ناهي پرين،
ڪر خطائون در گذر تون، پيار ۾ ليڪا نہ ڪر!

# قطعا

## چٽي

دل جي سوڙهي گهٽي ڪيائين،
مون سان الائي ڇو ڪِٽِي ڪيائين،
هونئن ته پڙهندي هئي پر اڄ ڇو،
چٽي به منهنجي ڦٽي ڪيائين.

## چاهت

چاهه بدلي چاهه ڏنو جوکو رسيو،
مرڪ خاطر ساهه ڏنو جوکو رسيو،
هن ڇيو ٿوري ئي چاهت ڏي پنهنجي،
مون سڄو درياهه ڏنو جوکو رسيو،

## اپياس

هر طرح وشواس ڪري پڇتايو،
ها! تنهنجو احساس ڪري پڇتايو،
مون ڀانيو منهنجو سڄڻ آهين تون پر،
اڄ تنهنجو اپياس ڪري پڇتايو.

## جيون

وقت اجايو گذري ويندو،
پار ڪرڻ ڪان نڪري ويندو،
تو بن شايد جيون سارو،
پن پن جانا وکري ويندو.

## ياد

ڏينهن تئي تو دل وندري تي،
رات جو دل کي ڪيئن سمجهايان!
ياد تنهنجيءَ ۾ منهنجي اکين مان،
لڙڪ وهن تا ڪيئن بيهاريان!

## هيڪل

توکي چاهي ڏور آهين تون،
دنيا سان منهن آنءُ ڏيان پيو!
تون تہ هليو وئين هيڪل ڇڏيو،
ڏک هزارين آنءُ سهان پيو!

## پيار

گهٽو نہ تورو ڏي،
پيار پوءِ بہ پنهنجو ڏي،
تنهنجِي رهندس چئہ کٽي،
اهڙو قول پختو ڏي.

## شهرت

تو وٽ پئسو مستي آهي،
مون وٽ چاهت وستي آهي،
منهنجو مانُ مٿي آ توکان،
تنهنجي شهرت سستي آهي!

## تنها

ڪوئي هو جو پاڻ پلي ويو،
غمن ۾ مونکي يار گڏي ويو،
جيون گهاريان ڪنهن لئہ هاڻي،
تنها مون کي هاءِ ڇڏي ويو!

## چا تي چاهين

منهنجي هوندي منهنجي ناهين!
ڏسِ تہ پلا پو ڪنهن جي آهين!
سڀ ڪجهہ منهنجو تنهنجو آهي،
پوءِ بہ مون کان چا تي چاهين!

## حَالُ

اهڙو حالُ بہ تيندو آهي،
لمحو سالُ بہ تيندو آهي،
سڀ ۾ پيار بہ ناهي هوندو،
ڪنهن ۾ خال بہ تيندو آهي!

## تصوير

وقت جي اڄ وير ۾ ڦاسي پيس،
جڻ تہ دريا سيرَ ۾ ڦاسي پيس،
جا ڏني دلبر مون کي تحفي ۾ هئي،
تنهن الا! تصوير ۾ ڦاسي پيس.

## ڏوهاري

ڪوڙ سارا ڏينهن گذري ويا مگر،
ڪاب تي ناهي گرفتاري اجان،
جاچ ۾ ناهي سچائي تنهنڪري،
تا گهمن آزاد ڏوهاري اجان!

## بينُ

انتظار ۾ اجان آهن اکيون،
ڪين آيو ڪوب دل کي چين آ،
خوڪشي بيروزگاريءَ جو سبب،
پوءِ بہ بلڪل نوڪرين تي بينُ آ.

## ڊيم

روز نــوان ڊئــم نــاهــڻ جـون هــتــي،
پيـون هلن ڳالهيـونوڏي سرڪار جون،
ڪـا خـبـر نـاهـي تـہ ڪـڏهـن او مـنـا،
هـي خـتـم خـبـرون ٿـيـن تـڪـرار جـون.

## معمول

سـجـي سُـڌ هـودي بـي خـبـر پـو بـہ آهـي،
چيو ٿئي تدارڪ اسان  جي خوشيءَ جو،
چـيـائـيـن قـتـل ڌاڙا ڪـا ڳـالهـہ نـاهـي!
اهــو روز مــعــمــول آ زنــدگــي جــو!

## مهانگائي

چا ڪجي هن پيٽ پاتوڙي جي ڳالهہ،
جـنـهـن ڪـديـا نـمـرود ناحق ساهہ هن!
ڪهڙي اوريان يار سڀ سان مان ويهي،
ڏس مـهـانـگـائـي ڪـديـا هـت لاهہ هـن!

## پيٽرول

مـخـتـلـف ڳـالهـيـون آهـن سـرڪـار جـون،
ڪيئن ڪجي ويساهہ تنهن جي قول تي!
هونئن تہ هر شيءِ چوٽ تي آهي مگر،
مــار مــارو آ وڏو پــيــٽــرول تــي!

## رمضان

چـو يـلا ڪـي تـبـصـرا ويـهـي ڪـيـون،
ڪــهــڙو آهــي حــرج ڪــو اعــلان ۾!
چوٽ تي هر چيز هر چيز پهچي آ وئي،
ديــر تــوڙي آ گــهــٽــي رمضــان ۾!

## انسان

ڪيئن رهي سگهندي پلا محفوظ ڪا،
هت حياتي ڏوڙ جي طوفان ۾!
روز ڏاڙا، روز جهيڙا ۽ قتل،
ڪو رحم ناهي، رهيو انسان ۾!

## سنڌ

چني نه سگهندو مون ڪان ڪوئي،
پل سر جي بازي ڪيڏئي پئي،
سنڌ ۾ منهنجو ساهه پيل آ،
پوءِ جان فدا چو نه ڪرڻي پئي!



جيئڻ جو سامان تنهنجي مڪڙي مرڪ،
مون لئه جڳ جهان، سندر ٿي پئي پوپري.

# بيت

## ٻوليءَ جي جهوليءِ سدا سرها گل

تخليقي ڏات انسان جي اُڌمن ۽ جذبن جي اظهار جو نالو آهي. اهڙو ادب نثر ۾ هجي يا نظم ۾ انساني زندگي جي ترجماني ڪري ٿو. معاشري ۾ بدلجندڙ حالتن جي ضرورتن کي محسوس ڪندي شاعر اهنج ايزاءَ ڏکن، سکن جي عڪاسي ڪري ٿو. ان کي ئي تخليق چئجي ٿو. اهڙي تخليق ڪندڙ ۽ سرجيندڙن مان اسان جي نئين ٿهي مان اڀرندڙ غزل جي اسلوب کي سمجهندڙ حاڪم گل آهي، جيڪو خوشبوءَ جي سرهاڻ ڦهلائيندي پنهنجي شاعريءَ ذريعي سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهي ٿو. حاڪم گل غزل جي صنف سان گڏ، گيت، نظم کي چڱي طرح سمجهندي انهن صنفن ۾ نوان نوان تجربا ڪندو رهي ٿو. هن نئين ٿهيءَ جي خوبصورت شاعر پنهنجي ڪينواس تي ڪيتريون تخليقي سرجيون آهن، اڄ هن جي تخليقي ڏات مان هڪ نئين ڪتاب جو جنم ٿئي ٿو. ان ڪتاب جي اچڻ سان حاڪم جو سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ اضافو ٿيندو. جنهن مان ڪيترائي شاعر پنهنجي پياس اجهائيندا. حاڪم جو هي پورهيو ادبي سفر ۾ ضرور لاڀ ماڻيندو. حاڪم گل شاعريءَ اندر محبت جون رنگينون،ءِ اتساهه اوتي ويو آهي.اهڙين محنتن ۽ مشاهدن جي ڪري شاعري اندر سونهن جا چار چنڊ لڳن ٿا. آس اٿم تہ هي اجان بہ شاعري ۾ نوان تجربا ڪندي ٻوليءَ جي جهولي سدا سرها گل وجهندو رهندو، جنهن جي سرهاڻ چوڏس واس ڇڏيندي.

ساٿ هلندو رهي،
لاٽ ٻرندي رهي.

**گوهر سنڌي**
رستم (شڪارپور)

## بيت

ڪيئن ڪيان ڪوڙي، چنڊ تنهنجي واڪاڻ مان،
پڳل تون چوڙي، منهنجي آن محبوب جي!

منهنجو پيار پوپري پائي ونان ائين،
ڌڙڪو دل سان جيئن رهندو آ ساٿ ۾!

پاڻيءَ بنا ڪا مڇي، ڦٿڪي ٻاهر جيئن،
آئون بہ تون بن ائين، ڦٿڪان تو فراق ۾!

جيون ڪي آزار، ڪيڏا هوندا ها مگر،
پرين تنهنجي پيار، ناهيو هن وجود کي!

ساونڻيءَ جو مينهن، وسي ٿئي هبڪار،
ساجن تنهنجو نينهن، ائين اسان لاءِ!

ڪولي پنهنجا وار، آڻي وڌئي رات کي،
مڇي مون ئي هار، واپس ڪر تون ڏينهن کي!

جيئڻ جو سامان، تنهنجي هڪڙي مرڪ،
مون لئہ جڳ جهان، سندر ٿي پئي پوپري!

پلا تنهنجي پيار کي ڪيئن وساريان آنءُ،
منهنجو توسان ناتءُ، جڙيل آهي اصل کان!

ساجن تنهنجو پيار، اونداهيءَ ۾ لاٽ،
ملي وئي جڻ واٽ، اکين کان نابين کي.

## بيت

ويڙهي چنڊ تون وار، موڪل ڏي اونداهه کي،
ڪٽي نيڻ خمار، روشن ڪر جهان کي!

هٽي چوٽي گل، نڪتي ٻاهر ڪيچلي،
سڄي ويڙهي هل، متو هن جي سونهن جو!

ڪوئي ڪونهي هتڙي ڪنهن سان ڪيان حال،
هڪڙو پل آ سال، تنهنجي دوريءَ جو پرين!

”ٻنگان“ منجهه وجهي تو سڌو هنيو ”ٻاڻ“،
ڪهڙو جيئندس هاڻ، هيڪلو پلا مان پرين!

خوشبوءَ سيئي ورق، جنهن ۾ تنهنجو نانءُ،
تنهنجي هڪڙي مرڪ، آهي جڻ پريات کي!

مرڪن جا ڪانيا ٻڌي آيس تنهنجي در،
تون بہ جهولي پر، پنهنجي پيارسان منهنجي!

سوچون سڀ سرور، يادون سڀ ويچار،
چڙو تنهنجي سار، آهي من پاتال ۾!

ساري رات جاڳ، رڳو تنهنجو خيال بس،
ويچوڙي جي واڳ، نيٺ روح اڏاري وئي!

1.ٻنگان: ڪمان
2. ٻاڻُ: تيرُ

## بيت

چڏي ويو پار، اڳ ڪان اڳي اوچتو،
ستو هڪڙو ٻار، سياري جي هنج ۾!

ورهه پُڄاڻان باغ ۾، مس تي ٽڙيو گل،
رهيو هڪڙو پل، جيئرو هن جهان ۾!

تنهنجي دهشت ڊوءُ، ڪافي جيئڻ لاءِ،
بارودن جو ٻوءُ، ٻري وينو ٻيٽ ڪي!

گولين جي گجگوڙ، ٽاندا تي وئي جوءِ،
دهشت جي بدبوءِ، پرجي وئي وجود ۾!

تون ته خزاني ڪاڻ، توکي ڄاڻي ڪير سگهي،
مون کي به ڏي هاڻ، ڪٽي مٺ خرار مان!

# آزاد نظم

۽

# نثري نظم

اوهان جا ته چارا
گلابن جون سيجون،
مگر هن اسان لئه
ايا چڻ ڪي ڪاوا.

# شعرن گلڙا، گل مهر جا....

عظيم شاعر شيخ اياز ڪي گل مهر ۽ املتاس جا وڻ ڏاڍا وڻندا هيا، جن جو ذڪر سندس شاعريءَ ۾ بہ جهجهو ملي ٿو. اسان جي سهيوڳي ساهتڪار حاڪم گل مهر جي قربائتي شخصيت ۽ من ڇهندڙ شاعريءَ تي سوچيندي ذهن ۾ گل مهر جو وڻ علامت بڻجي ابري اچي ٿو.

ڪراچي، حيدرآباد ۽ ڄامشوري ۾ تہ ڪيترين ئي جاين پر شڪارپور ۾ سنڌ واهہ جي ڪپ تي آخري رهجي ويل گل مهر وارو وڻ جڏهن بسنت ۾ ريٽا گل ڪندو آهي تہ ڪيترو نہ موهيندڙ ۽ وڻندڙ تي پوندو آهي!

حاڪم جي شعريءَ واري وڻ جي ڇيڙن تي ريٽا گل سندس تخليقي بسنت رت جو عڪس چٽي رهيا آهن، جنهن ۾ ڏينهون ڏينهن نکار ايندو پيو وڃي.

گُهٽ، ٻوسٽ واري ماحول ۽ پرماريت جي پاڇنِ۾ جيون گهڙيون گهاريندڙ حاڪم گل مهر حساس جذبن سان، جرڪا جوت ڦهلائيندڙ ۽ پيار پريت جا پيغام پهچائڻ وارا سُريلا شعر سرجي جديد سنڌي ادب جي سينڌ سنواري رهيو آهي.

هو مسلسل لکي ٿو ۽ وڏي اتساهہ سان مطالعو ڪندو رهي ٿو. مطالعي، مشاهدي ۽ محنت سان هو هڪ جيڏن ۾ بهتر سڄاڻپ سان اڳتي وڌندو رهي ٿو، جنهن جو مثال سندس هي شعري مجموعو آهي.

ڏٽيءَ در دعا آهي تہ سندس قلم ڏينهون ڏينهن وڌيڪ سگهاريون سٽون ادب کي ارپي، هو پڪو پختو شاعر بڻجي جديد سنڌي ساهت جو سهڻو حوالو ٿي پوي!

قاضي منظر حيات
حيدرآباد 10 اپريل 2006ع

## ساهہ سڏڪا پريا!

ساهہ سڏڪا پريا،
ڪنهن جي عزت مٽان،
ڪنهن جي چاهت مٽان،
ڪو وڏيرو پيو،
موج مستيون ڪري!
نيڻ برسي پيا،
عڪس آڏو جڏهن،
منهنجي نظرن ڦريو،
ڪنهن ڪنواريءَ جو جوين،
پنجاهہ سالن جي،
جهور ٻانهن ۾ هو!
ها تڏهن مون ڏٺو،
چڻ تہ آڪاش مان،
ڪي موجون هونڪريون،
منهنجي جيون مٿان!
نيٺ لاچار ٿي،
منهن موڙي ڇڏيو،
۽ تصور جي دنيا ڪي،
ٽوڙي ڇڏيم،
چو طرف ڪجهہ گهڙين لاءِ،
ٿي ماٺ وئي!
بس اچانڪ رڳو،
رووح مان رڙ ٿي وئي!
۽ جسم ۾ بہ لرزش،
شروع ٿي وئي!

اڻ ڏٺي ماڳ ڏانهن،
آئون وڌندو رهيس!
بي خبر پيچرا،
مان ڪٽيندو رهيس!
اوچتو هڪ حسين محل آڏو آيو!
جنهن مان سنگيت مون کي ٻڌڻ ۾ آيو!
دل ۾ بي تابي ٿي!
نيڻ تاسي ٿيا!
پيرا اڳتي وڌيا،
ان حسين محل ڏانهن!
جيئن جو پهتس اُتي،
ساهه سڏڪا پريا!
هڪ وري نئون منظر،
ڏسڻ ۾ آيو،
سورنهن سالن جي وينگس،
نچي هئي رهي!
جنهن جي پيرن ۾،
گهنگهرو پئي چمڪي رهيا،
تن گهنگهرن جي ڇم ڇم ٻڌائي پئي،
مان تہ بي ڏوهي هان!
مان تہ مجبور هان،
جي نہ ٿي مان نچان،
جي نہ ٿي پو سگهان!
ڏهن لڙڪ منهنجا ٿي لارون ويا،
رهيل ساهه منهنجي،
پئي سڏڪا پريا!
هئہ هئہ سڏڪا پريا!
هئہ سڏڪا پريا!

## اسان جو هي جيون بہ اڙاهہ جهڙو،

اسان جو هي جيون بہ آڙاهہ جهڙو!
نہ ڪل آهي ڪنهن کي،
نہ ڪنهن کي قدر ڪو،!
وجي پيو تو سڪندو،
سڪل لام وانگي،
وجي پيو تو ٿڪيو،
ٿڪل شام وانگي!
اوهانجا تہ چارا،
گلابن جو سيجون،
مگر هن اسان لئہ،
اُياجڻ جي ڪاوا،!
جتي روز زخمي جگر ٿيندا آهن،
جتي روز زخمي دليُون ٿينديون آهن،
مگرناهي ڪنهن کي،
ڪا پرواهہ سائين،
اسان جي جيون جي!
اسان جي جوين جي!
وري ڪا وساميل ٻيهر جو ٻري ٿي،
تڏهن چٽنگ جوين کي شعلو ڪري ٿي!
وري ڪا تمنا جيوڻ جڙي ٿي،
نہ ڪوبہ پاڇو ملي پيار جو تو!
رڳو آهي سامهون،
ڪا صحرا ئي صحرا،
جتي ناهي آئي،
ڪڏهن سانوٽي ڪا،
جتي ناهي گونجي،

ڪا ڪويل جي ڪوڪو!
رڳو ماٺ ئي ماٺ،
موئن دڙي جيان؟!
اتي سپ تمنائون،
متجي وجن ٿيون!
اتي سپ اميدون،
دفن ٿي وجن ٿيون!
رهي ٿو نہ ڪي،
ڪنهن جو احساس ڪوئي،
جو جنهن کي وجي،
ڪوئي سيني سان لائي،
سيئي سور دل جا،
گهڙيءَ لئہ مٽائي!
ٺڏهن بہ الائي ڇو،
ويران من جي،
نہ ڪل آهي ڪنهن کي!
نہ ڪنهن کي قدر ڪو!.

سيج سنسان هئي!

رات پي خواب ۾،
سيج سنسان هئي،
ڪوئي جوين نہ هو،
ڪوئي جيون نہ هو،
بس انڌيرو رڳو،
زندگيءَ ۾ هئو،
راهہ سنسان هئي،
۽ اڪيلي سڪي،
پنهنجي ئي گهر ۾،
ڄڻ تہ مهمان هئي!
رات واڳوڙنءَ جيان،
چنڊ کي وئي ڳهي،
چاندني جو وئي،
زندگي ڄڻ وئي!
باربڻجي لڳي،
زندگيءَ جي جهلي!
چو جو جيون سڄو،
تاب اتهاس هو!
ورق کولي ڏنم،
توررڙو درد هو!
ها! مگرسرد هو!
توررڙي هئي خوشي!
توررڙو پيار هو!
توررڙا لڙڪ ها!
توررڙا ٽهڪ ها!
زندگيءَ جا هڙئي،
داستان سپ هئا!
پر،

هئو جي نہ هو،
يار مئڪش نہ هو!
جنهن جي ديدار لئہ،
نيڻ بيتاب ها،
۽ صدين کان وٺي،
سيج سنسان هئي!

## غيرن جي محفل

مان تنهنجي سالگرهه ۾،
واحد فرد هوس،
جنهنکي،
سادا ڪپڙا پهريل هئا!
هر ماڻهوءَ جون نظرون،
منهنجي سادگيءَ تي ڪتل هيون،
منهنجي مٿان،
طنز جو وسڪارو هو،
هر شخص پننجي زبان مان،
غلط نڪرندڙ لفظ،
مون مٿا اڇلائي رهيو هو!
اُهي سڀ تہ هئاغير،
پر،
تنهنجي زبان بہ،
مون مٿان طنز ڪري رهي هئي
ڪاش!
مون کي خبر هجي ها،
تون خود غرض آهين!
تہ پوءِ،
ڪڏهن بہ نہ اچان ها،
غيرن جي محفل ۾!

Thanks God

آنءُ هڪ درياءَ جي ڪپ تي،
هڪ سڪل ٻوٽي جيان،
هن جي ياد ۾،
سڪي ويو هوس،
هن جي تصوير،
منهنجي نيڻن ۾،
هڪ عڪس جيان،
چانيل هوندي هئي،
جنهن وقت،
هوءَ منههنجي،
عڪس جيان،
چانيل هوندي هئي!
جنهن وقت،
هوءَ منهنجي،
عڪس مٿان گذرندي ئي،
تنهن وقت،
منهنجا ڪوماٽيل نيڻ،
هن جي قدمن ڏانهن،
نهاريندا هئا.

۽ پوءِ،
خدا کي ياد ڪري،
چوندو هئس،
Thanks God

## انقلاب

تنهنجي ماضيءَ جو،
اڃان بہ مون وٽ قدر آهي،
.تون هڪ  مقدس هستي هئين!
۽ هاڻ منهنجي نظر ۾،
بيڪار ۽ خود غرض،
شخص مثل آهين،
تو وٽ،
تيز تلوارون آهن،
مون وٽ،
تلوارن کان تيز،
لفظن جو ذخيرو آهي!
تنهنجون تلوارون،
منهنجي جسم کي،
ذرا ذرا نہ ڪري سگهن ٿيون،
پر منهنجي لفظن کي نہ!
منهنجا لفظ،
تو جهڙي شخص مٿان،
سدائين انقلاب آڻيندا رهندا.

## وجود

ڪاش!
.مان توکي اڳ پرکي سگهان ها!
تہ پنهنجي نيڻن ۾،
ڪڏهن بہ توکي نہ سمايان ها!
هاڻي منهنجي دل،
چاهت جي بدران،
حقارت سان ڀريل آهي!
اڄ مان پنهنجي دل مان،
تو لئہ سمايل،
صداقت کي ٻاهر اڇلي،
تنهنجي وجود کي،
هميشہ لاءِ نيست و نابود ڪري ڇڏيندس!
ميجان ٿو،
اهو عمل،
تو لئہ هاڃيڪار ثابت ٿيندو،
پر افسوس ڪر،
پنهنجي خطا تي،
جنهن منهنجن جذبن کي،
جهنجوڙيو آهي!